(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شماره

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

آگسٽ 2026/ ربيع الاول 1448



جشن ولادت مبارڪ هجي

- وطن جي رونق مدرسن سان آهن
- پنهنجي ڏيئرن کي سُنتِ مصطفيٰ ﷺ جي تربيت ڏيو
- ٻارن کي عاشق رسول بڻايو
- رسولِ رحمت کي خوش ڪندڙ عَمل
- دارالافتاء جا سوال جواب
- مدني مذاڪر جا سوال جواب



# احڪامِ تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1) عورت جو جمعي جي وقت ۾ خريداري ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ مردن لاءِ تہ جمعي جي وقت خريد و فروخت ڪرڻ ناجائز آهي، پر عورتن تي تہ جمعو فرض ناهي، انهن لاءِ ان وقت ۾ خريد و فروخت ڪرڻ جو ڪهڙو حڪم آهي؟

**جواب:** جن ماڻهن تي جمعي جي نماز فرض آهي، انهن لاءِ جمعي جي پهرين اذان ٿيندي ئي نماز لاءِ وڃڻ (سعي ڪرڻ) واجب آهي. ان وقت خريد و فروخت ۽ هر اهو ڪم جيڪو نماز جي تياريءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي، اهو ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آهي. البت عورتون ۽ اهي ماڻهو جن تي جمعو فرض ناهي، يا اهي ماڻهو جيڪي جمعي جي نماز ادا ڪري چڪا آهن، انهن لاءِ ان وقت پاڻ ۾ خريد و فروخت ڪرڻ مڪروهہ ناهي. پر، انهن جو اهڙن ماڻهن سان خريد و فروخت ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي جن تي جمعو فرض آهي ۽ ويجهي مسجد ۾ جمعي جي اذان ٿي چڪي آهي پر هنن اجا تائين نماز ادا ناهي ڪئي. ان جو سبب هي آهي تہ جنهن شخص تي جمعو فرض آهي، ان تي (نماز لاءِ) سعي واجب ٿي چڪي آهي، هاڻي جيڪڏهن هو نماز جي ڪوشش ڪرڻ بدران خريد و فروخت ڪري تہ هو ممانعت جو مرتڪب ٿئي ٿو، ۽ خريدار ان فعل ۾ ان جي مدد ڪري ٿو، جنهن ڪري اهو پڻ گناهگار ٿيندو.

حاشية الطحطاوى على مراقى الفلاح ۾ آهي: (ويجب ترك البيع)۔۔۔ وفى الكلام اشعار بان من لم تجب عليه الجمعة مستثنى من الحكم كمافى القهستانى يعنى من لم تجب عليهما معا اما اذا وجبت على احدهما دون الآخر اثما جميعا لان الاول ارتكب النهى والثانى اعانه عليه" يعني: بيع (يعني خريد و فروخت) کي ترڪ ڪرڻ واجب آهي ۽ عبارت ۾ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ جنهن تي جمعو واجب ناهي، اهو ان حڪم مان مستثنيٰ آهي، جيئن قهستاني ۾ آهي. يعني اهي ٻئي شخص جن مان ڪنهن تي بہ جمعو واجب نہ هجي. پر جيڪڏهن هڪ تي جمعو واجب هجي ۽ ٻئي تي نہ هجي تہ (خريد و فروخت ڪرڻ سان) ٻئي گنهگار ٿيندا، ڇوتہ پهرين ممانعت جو ارتڪاب ڪيو ۽ ٻئي ان جي مدد ڪئي.

(حاشية الطحطاوى على مراقى الفلاح ،جلد01،صفحہ 517)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه وآلہٖ وسلَّم

## (2) قرعہ اندازيءَ جي ذريعي انعام جي هڪ جائز صورت

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ اڄڪلهہ مختلف شاپنگ مالز (Shopping Malls) ۽ مارٽس وغيره ۾ اهڙي آفر هوندي آهي تہ جيڪڏهن توهان مثال طور 10 هزار يا ڪنهن خاص رقم تائين شاپنگ ڪندا تہ توهان جو نالو قرعہ اندازي (Lucky Draw) ۾ وڌو ويندو ۽ ان ۾ مختلف انعام هوندا آهن. لَڪي ڊرا ۾ جنهن جو نالو نڪرندو، ان کي اهي تمام انعام ملي ويندا. منهنجو سوال هي آهي تہ مٿئين طريقيڪار جي شرعي حيثيت ڇا آهي ۽ ان تي ملندڙ انعام جي شرعي حيثيت ڇا آهي؟

نوٽ: ان ۾ اسان کي الڳ سان ڪا رقم جمع ناهي ڪرائڻي، جيڪڏهن اسان مقرر ڪيل قيمت تائين خريداري ڪريون ٿا تہ هو اسان جو نالو قرعہ اندازي ۾ شامل ڪري ڇڏيندا؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ بيان ڪيل طريقي ڪار موجب ڪمپنيءَ جو مخصوص رقم تائين خريداري ڪرڻ تي قرعہ اندازي ۾ نالو وجهڻ ۽ نالو نڪرڻ تي مختلف انعام ڏيڻ جائز ۽ درست آهي، ڇوتہ مٿئين طريقي ڪار ۾ شرعي طور ڪا خرابي ناهي جنهن جي ڪري ان کي ناجائز چيو وڃي. نہ ئي ڪمپني قرعہ اندازيءَ جا الڳ سان ڪي پئسا وٺي رهي آهي، بلڪ ڪمپنيءَ پنهنجي مجموعي وڪري (Sale) کي وڌائڻ لاءِ اها انعامي اسڪيم ڪئي آهي تہ فلاڻي رقم تائين خريداري ڪرڻ تي خريدار جو نالو قرعہ اندازي ۾ وڌو ويندو، پوءِ جنهن جو نالو نڪرندو ان کي مختلف انعام ڏنا ويندا. تنهنڪري مٿيان انعام وٺڻ جائز ۽ درست آهن.

مفتيءِ اعظم پاڪستان مفتي وقار الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”ڪو شخص يا ڪمپني پنهنجي مال جو وڪرو وڌائڻ لاءِ ائين ڪندي آهي تہ پيڪٽ يا ڊٻي جي اندر هڪ ڪوپن رکي ڇڏيندي آهي، جنهن پيڪٽ مان ٽڪيٽ نڪرندي ان تي انعام ڏنو ويندو. جن ماڻهن جي پيڪٽ مان اهي ٽڪيٽون نڪرنديون، انهن ۾ قرعہ اندازي ڪري انعام ڏنو ويندو، اها صورت جائز آهي. اهڙي طرح ڪو شخص قرعہ اندازي ڪري حج تي موڪلي تہ اهو بہ جائز آهي.“ (وقار الفتاویٰ،3/275)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (3) جعلي نوٽ اڳتي هلائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ مون وٽ ڪٿان 5000 جو جعلي نوٽ اچي ويو آهي، جيڪو ڏسڻ ۾

بلڪل اصلي جهڙو لڳي رهيو آهي. بينڪ جي مشين سان چيڪ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته نوٽ جعلي آهي. هاڻي مون کي اها خبر ناهي ته اهو نوٽ ڪنهن ڏنو آهي، ڇا مان پاڻ کي نقصان کان بچائڻ لاءِ اهو نوٽ اڳتي هلائي سگهان ٿو؟ ڇوته مارڪيٽ ۾ ماڻهن کي خبر نه پوندي ۽ اهو هلندو رهندو.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ توهان جو ڄاڻي واڻي جعلي نوٽ اڳتي هلائڻ ناجائز ۽ حرام آهي، ڇوته ان ۾ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ڌوڪو ڏيڻ آهي. ڌوڪي بازيءَ جو معاملو ايترو سنگين آهي جو مسلمان ته پري رهيو، ڪافر کي ڌوڪو ڏيڻ به حرام آهي.

جيئن ته ڪري (اصلي) جي جڳهه تي کوٽا سڪا ڏيڻ بابت فتاويٰ هنديه ۾ آهي: ”رد العدليات من له بصارة على أنها زيف فليس له أن يدفع إلى من يأخذها مكان الجيدة لأنه تلبيس وغدر كذا في القنية“
ترجمو: جيڪڏهن ڪنهن شخص کي کوٽا سڪا موٽايا ويا ۽ کيس معلوم آهي ته اهي سڪا کوٽا آهن، ته هاڻي ان لاءِ جائز ناهي ته هو اهي سڪا اصلي سڪن جي جڳهه تي اهڙي شخص کي ڏئي جيڪو انهن کي قبول ڪري وٺي، ڇوته اهو ڌوڪو ۽ خيانت آهي. اهڙي طرح قنيه ۾ به ذڪر ٿيل آهي.

(فتاویٰ عالمگیری، 367/5)

امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: غدر (ڌوڪو) ۽ بد عهدي مطلقاً سڀني سان حرام آهي، مسلمان هجي يا ڪافر، ذمي هجي يا حربي، مستامن هجي يا غير مستامن، اصلي هجي يا مرتد.“

(فتاویٰ رضویہ،139/14)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلہٖ وسلَّم



# صرف لشڪرتي برسات

سيد عمران اختر عطاري مدني

پيارا ٻارؤ! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا نہ صرف حيرت انگيز هئا، بلڪ مسلمانن لاءِ راحت، مدد ۽ الله پاڪ جي رحمت جي ظهور جو ذريعو پڻ هئا. اچ اسان هڪ اهڙي ئي ايمان افروز معجزي بابت پڙهنداسين جيڪو غزوهءِ تبوڪ جي سفر دوران ظاهر ٿيو.

حضرت عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي عرض ڪيو ويو تہ اسان کي غزوهءِ تبوڪ جي ڪنهن اهم لمحي جي باري ۾ ٻڌايو، تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: اسان غزوهءِ عُسرت يعني تبوڪ جي لاءِ سخت گرميءَ ۾ روانا ٿيا هئاسين. هڪ هنڌ پڙاءُ ڪيوسين تہ اسان کي اهڙي سخت اُڃ جو سامنا ڪرڻو پيو جو ائين پئي لڳو ڄڻ تہ جان ئي نڪري ويندي. ان نازڪ موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يَارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ اوهان جي دعائن ۾ وڏو خير رکيو آهي، اسان جي لاءِ دعا فرمايو. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا توهان اها ئي خواهش رکو ٿا؟ عرض ڪيو ويو: جي ها. جيئن تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا مبارڪ هٿ آسمان ڏانهن ڪنيا. اجا پاڻ هٿ مبارڪ هيٺ بہ نہ ڪيا هئا تہ ڪڪر ٿهي ويا، انهن لشڪر تي ڇانوَ ڪري ورتي ۽ پوءِ خوب برسات وَسي. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم پنهنجا سمورا ٿانوَ پاڻيءَ سان ڀري ورتا. حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جڏهن اسان غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ مينهن جو ڪڪر صرف لشڪر جي مٿان هو ۽ ان کان اڳيان يا پويان (يعني ٻين طرفن ڏانهن) نہ ويو هو.

(مستدرڪ للحاڪم، 1 / 384، ص 582)

هي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ عظيم الشان معجزو آهي تہ برسات

صرف لشڪرِ اسلام تي ئي وسي ۽ اڳيان (پويان) نہ وڌي.

## هن مان معلوم ٿيو تہ

- ❖ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ معجزن کي بيان ڪرڻ صحابہ سڳورن جي عمل مان ثابت آهي.
- ❖ سخت کان سخت حالتن ۾ بہ الله پاڪ جي رحمت مان مايوس نہ ٿيڻ گهرجي.
- ❖ مشڪل وقت ۾ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪرڻ مؤمن جو هٿيار ۽ بهترين سهارو آهي.
- ❖ سٺي مشوري جو فائدو ڪڏهن ڪڏهن سڄي ميڙ ۽ جماعت کي پهچندو آهي.
- ❖ بزرگن کان دعا ڪرائڻ گهرجي.
- ❖ نبيءَ جي دعا بارگاهِ الاهيءَ ۾ فوراً قبول ٿيندي آهي.
- ❖ اجتماعي مشڪلاتن جي وقت اسان کي پاڻ ۾ همدرديءَ جو مظاهرو پيش ڪرڻ گهرجي ۽ هڪٻئي جي تڪليف کي سمجهڻ گهرجي.
- ❖ دين جي واٽ ۾ ايندڙ ڏکيائين لاءِ هميشہ تيار ۽ ثابت قدم رهڻ گهرجي.
- ❖ پريشانين مان نڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
- ❖ الله پاڪ جڏهن چاهيندو آهي تہ بظاهر ناممڪن نظر ايندڙ حالتن کي آسان بڻائي ڇڏيندو آهي.
- ❖ وسيلا اختيار ڪرڻ ۽ اڳتي پيش ايندڙ ضرورتن جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهي.
- ❖ جيتوڻيڪ ڪنهن شيءِ جي وقتي ضرورت پوري ٿي وڃي پر تڏهن بہ ان کي ضايع نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ آئندي لاءِ محفوظ رکڻ گهرجي، خاص ڪري الله پاڪ جي نعمتن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي.



# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

**مولانا ابوماجد محمد شاهد عطاري مدني**

ربيعُ الاول اسلامي سال جو ٽيون مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابهءِ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان 106 جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينه“ ربيع الاول 1439ھ کان 1447ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي. وڌيڪ 13 بزرگن جو تعارف هيٺ پيش ڪجي ٿو:

## صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم:

(1) حضرت ابودجانه سماڪ بن خرشه خزرجي انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ: پاڻ بدري صحابي ۽ بهادر ۽ دلير مجاهد هئا. مواخاتِ مدينه ۾ قديمُ الاسلام مهاجر صحابي حضرت عتبه بن غزوان قرشي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا ڀاءُ بڻايا ويا. غزوهءِ احد ۽ جنگِ يمامه ۾ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريائون. تمام غزوات ۾ شريڪ رهيا ۽ جنگِ يمامه (ربيع الاول 12ھ) ۾ شهيد ٿيا.[1]

(2) حضرت ابوسهيل عبدالله بن سهيل قرشي عامري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ: پاڻ بعثت کان 13 سال اڳ مڪي شريف ۾ قريش جي ذهين ۽ معزز سردار حضرت سهيل بن عمرو جي گهر ۾ پيدا ٿيا. پاڻ شروعاتي مسلمانن مان آهن. حبشه ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪيائون، غزوهءِ بدر سميت تمام جنگين ۾ شريڪ ٿيا ۽ معرڪه يمامه (ربيع الاول 12ھ) ۾ 38 سالن جي عمر ۾ شهادت جو جام پيتائون.[2]

## علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللہُ:

(3) محدثِ ڪبير شيخ عبدالله بن نُمير خارفي همداني رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه: پاڻ روايتِ حديث جا ماهر، ثقه، سچا، ڪثيرُ الروايات ۽ فنِ حديث ۾ نمايان شخصيت هئا. سندن وصال ربيعُ الاول 199ھ ۾ ڪوفي ۾ ٿيو. نمازِ جنازه سندن ويجهي دوست شيخ محمد بن بشر عبدي پڙهائي.[3]

(4) قاضي حلب شيخ ابومحمد عبدالله بن محمد جمال مالڪي نحريري رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه: سندن پيدائش 740ھ ۾ ٿي ۽ 12 ربيع الاول 807 ھ تي قصبو سرمين (شام) ۾ وصال ٿيو. پاڻ جِيد عالمِ دين، فقيه، قاضي، مدرس، ذهين، علم حديث، فقه، تاريخ ۽ تصوف جا ماهر ۽ خوش مزاج هئا.[4]

---

[1] اسد الغابة، 524/2، 525-102/6، 103

[2] الاستيعاب، 57/3

[3] طبقات ابن سعد، 364/6

[4] الضوء اللامع لاهل القرن التاسع، 42/5، 43



(5) شيخ عبدالڪبير بن شيخ محمد بن عبدالواحد حسني ڪتاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: پاڻ جليل القدر امام، محدث، مسند العصر، وسيع مطالعو رکندڙ، متبع سنت، بهترين ڪاتب، شيخ طريقت ۽ انڪسار پسند هئا. ”الانتصار لآل النبی المختار“ سميت ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جا مصنف ۽ صالح بزرگ هئا. بانيءِ طريقه ڪتانيه شيخ محمد بن عبدالڪبير حَسني ڪتاني سندن قابلِ فخر فرزند هئا. سندن وصال 23 يا 26 ربيع الاول 1333ھ تي ٿيو، تدفين زاويہ ڪتانيہ محلہ قطانين، فاس (مراڪش) ۾ ڪئي وئي.[5]

(6) تلميذِ محدثِ اعظم پاڪستان، خطيبِ پاڪستان حضرت مولانا محمد بشير احمد رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: سندن پيدائش 1346 ھ ۾ آبائي ڳوٺ 362 گ ب جهوڪ منصب خان، تحصيل جڙانوالا (ضلعو فيصل آباد) جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ وصال 10 ربيع الاول 1425ھ تي ٿيو. تدفين مائي شاھ فريديہ قبرستان ساهيوال سٽي ۾ ڪئي وئي، جتي بعد ۾ مزار تعمير ٿي. پاڻ جامعہ رضويہ مظهر الاسلام فيصل آباد جا فاضل، جِيد عالمِ دين، بهترين خطيب ۽ جامعہ مسجد مهاجرين و مسجد مدينہ جا امام هئا.[6]

(7) تلميذِ حجةُ الاسلام و صدرُ الشريعہ، شيخ العلماءِ حضرت مولانا غلام جيلاني اعظمي گهوسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: پاڻ اعظم ڳڙھ ۾ 1320ھ ۾ پيدا ٿيا ۽ 6 ربيع الاول 1397ھ تي پنهنجي جنم يوميءَ ۾ وفات ڪيائون. پاڻ استاذ العلماء، شيخ الحديث، عربي ادب جا ماهر، سلسلو قادريہ برڪاتيہ رضويہ جا مجاز، صدر المدرسين ۽ درسِ نظامي جي ڪتابن جا محشي (حاشيہ لکندڙ) هئا.[7]

(8) علمبردارِ مسلڪِ اعليٰ حضرت مولانا حافظ محمد اسلم رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: سندن پيدائش 1951ع ۾ محلہ حسين پوره، حافظ آباد (پنجاب) ۾ ٿي ۽ 24 ربيع الاول 1434ھ تي وصال فرمايائون. مزار جامعہ اسلاميہ رضويہ عيد گاھ مسجد، گرجاک ضلعو گوجرانوالا سان لڳل آهي. پاڻ حافظِ قرآن، گلستانِ محدثِ اعظم فيصل آباد جا فارغ التحصيل، مريضِ نباضِ قوم علامہ حاجي ابو دائود محمد صادق جا مريد ۽ ڪيترن ئي مسجدن جا باني، امام ۽ خطيب هئا.[8]

## اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ:

(9) حضرت سيد محمد مدني حسني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: سندن ولادت 12 رمضان 299ھ تي مدينہ منوره ۾ ٿي ۽ اتي ئي 17 ربيع الاول 415ھ

[5] موسوعہ اعلام المغرب، جز8، 2886، 2887

[6] ایک علمی گھرانے کا سفر،ص2تا5

[7] سيرت صدر الشريعہ، ص231، 232

[8] پمفلٹ:مختصرسوانح مولانا محمد اسلم رضوی

تي طويل عمر ماڻي وفات ڪيائون. تدفين جنت البقيع ۾ ڪئي وئي. پاڻ پنهنجي والد حضرت سيد دائود امير رَحۡمَةُ‌اللهِ‌عَلَيۡه کان 349ھ ۾ خلافت حاصل ڪئي. پاڻ عالم، فاضل ۽ پرهيزگار هئا.[9]

(10) حضرت سيد گدا رحمان ثاني قنڌاري صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پاڻ حضرت سيد شمس الدين عارف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا خليفا ۽ حضرت سيد محبوب شاھ قنڌاري رَحۡمَةُ‌اللهِ‌عَلَيۡه جا فرزند هئا. پاڻ ظاهري توڙي باطني حسن سان مالا مال ۽ طريقت جي اعليٰ مقام تي فائز هئا. پاڻ 12 ربيع الاول 917ھ تي وصال فرمايائون، مزار مبارڪ خيبر بالائي اوسط ۾ آهي.[10]

(11) حضرت خواجہ زاهد وخشي رَحۡمَةُ‌اللهِ‌عَلَيۡه: پاڻ علامہ خواجہ يعقوب چرخي جا ڏوهٽا ۽ خواجہ عبيدالله احرار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مريد ۽ خليفا هئا. پاڻ ظاهري توڙي باطني علم جا جامع، مرشدِ ڪامل ۽ اعليٰ قابليت جا مالڪ هئا. سندن وصال پهرين ربيع الاول 936ھ تي ڪچڪ وخشي ور (Kichik Vakhshivor) صوبو سرخان دريا (ازبڪستان) ۾ ٿيو ۽ اتي ئي مزار آهي.[11]

(12) عروة الوثقيٰ، مجدالدين حضرت خواجہ محمد معصوم سرهندي رَحۡمَةُ‌اللهِ‌عَلَيۡه: سندن ولادت 10 شوال 1007ھ تي سرهند شريف (اوڀر پنجاب، هندستان) ۾ ٿي ۽ اتي ئي 9 ربيع الاول 1079ھ تي وفات پاتائون. پاڻ جِيد عالمِ دين، شيخ طريقت، پنهنجي والدِ گرامي حضرت مجدد الف ثاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا سچا جانشين ۽ ڪثير الفيوض بزرگ هئا.[12]

(13) صاحبزاده مخدوم الاولياء، تاج الاصفياء حضرت مولانا سيد مصطفيٰ اشرف رَحۡمَةُ‌اللهِ‌عَلَيۡه: سندن پيدائش ذوالقعده 1311ھ تي ٿي ۽ 17 ربيع الاول 1376ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ جِيد عالمِ دين، شيخ طريقت ۽ شبيہِ غوثِ اعظم سيد علي حسين اشرفي جا فرزند ۽ خليفا هئا. مولانا سيد ابوالفتح مجتبيٰ اشرف ۽ علامہ سيد حامد اشرف سندن قابلِ فخر فرزند آهن.[13]

---

[9] اتحاف الاڪابر،ص160-تذڪره مشائخ قادريہ،ص56

[10] تذڪره مشائخ قادريہ فاضليہ، 109، 110

[11] حضرات القدس، دفتراول، ص248، 255

[12] تاريخ مشائخ نقشبند،401تا 418

[13] مخدوم الاولياء،ص392، 393وغيره.




# ڏيئرن کي سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي تربيت ڏيو

اُمِّ نور عطاريه

الله پاڪ انسان جي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجي محبوب رسول حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي مبعوث فرمايو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگيءَ کي قيامت تائين اچڻ وارن سمورن انسانن لاءِ بهترين نمونو قرار ڏنو. هڪ مسلمان جي ڪاميابي انهيءَ ۾ آهي ته هو پنهنجي عقيدن، عبادتن، معاملن، اخلاق ۽ معاشرت ۾ سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي اختيار ڪري. والدين تي اها ذميواري لازم ٿئي ٿي ته هو پنهنجي اولاد، خاص ڪري مائرون پنهنجي ڏيئرن جي اهڙي تربيت ڪن، جو انهن جي دلين ۾ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي محبت پيدا ٿئي، سنتون سکڻ جو شوق جاڳي ۽ سنتن تي عمل انهن جي زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃي.

اجوڪي دور ۾ والدين پنهنجي ڏيئرن کي اعليٰ تعليم، جديد مهارتن ۽ دنياوي آداب سيکارڻ لاءِ ته گهڻو فڪرمند نظر ايندا آهن پر اهو فڪر نسبتاً گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي جو اسان جي نياڻي اسلامي تعليمات ۽ سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي ڪيتري قدر ڄاڻي ٿي؟ ڪيس ڪيتريون سنتون ياد آهن؟ هوءَ روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترين سنتن تي عمل ڪري ٿي؟ جڏهن ته اصل ڪاميابي سنتِ نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي پيرويءَ ۾ ئي آهي. جنهن گهر ۾ سنتن تي عمل ۽ انهن جو ذڪر هوندو آهي، اتي خير ۽ برڪت نازل ٿيندي آهي ۽ ديني ماحول به پروان چڙهندو آهي.

ڏيئرن جي سنتن مطابق تربيت جو آغاز ننڍپڻ کان ئي ٿيڻ گهرجي. سڀ کان پهريان والدين پاڻ سنتن تي عمل ڪرڻ وارا هجن، ڇو ته ٻار پنهنجي والدين جي ڪردار کي اکين سان ڏسي ڪري سکندا آهن. جيڪڏهن ماءُ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪري ٿي، کائڻ کان پهريان ۽ پوءِ جون دعائون پڙهي ٿي، پردي جي پابند آهي، نرم لهجي ۾ گفتگو ڪري ٿي، وڏن جو ادب ۽ ننڍن تي شفقت ڪري ٿي، ته نياڻيءَ جي دل ۾ به انهن ئي عادتن جي محبت پيدا ٿيندي.

ڏيئرن جي دل ۽ دماغ ۾ سنتن جي عظمت ۽ اهميت ويهارڻ گهرجي. کين اهو احساس ڏياريو وڃي ته سنتون رڳو رسم و رواج يا ڪجهه ظاهري عملن جو نالو نه آهن، بلڪ اهي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگيءَ جا اهي طريقا آهن، جن

تي عمل ڪرڻ سان الله پاڪ جي رضا ۽ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت نصيب ٿيندي آهي. جڏهن ٻارڙين جي دل ۾ اهو جذبو پيدا ٿيندو ته ”مان پنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري سنت تي عمل ڪري رهي آهيان“، ته انهن لاءِ سنتن تي عمل ڪرڻ آسان ۽ خوشگوار بڻجي ويندو.

ڌيئرن ۾ سنتون سکڻ جو ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ گهر ۾ باقاعدي سنتن جو تذڪرو ٿيڻ گهرجي. روزاني يا هفتيوار ڪجهه سنتون سکڻ جو معمول بڻائي سگهجي ٿو ۽ روزمره جي معاملن ۾ انهن جي يادگيري ڪرائي سگهجي ٿي. مثال طور ڪائڻ پيئڻ جون سنتون، لباس جون سنتون، سمهڻ جاڳڻ جون سنتون، سلام جون سنتون، والدين جا حق، مائٽن سان حسنِ سلوڪ ۽ ٻين روزاني جي سنتن بابت گفتگو ڪئي وڃي. جيڪڏهن نياڻي ڪا نئين سنت سکي ان تي عمل ڪري ته ان جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس انعام يا واکاڻ ذريعي وڌيڪ شوق ڏياريو وڃي.

سنتن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مطالعو ڪرڻ جي عادت وجهڻ به نهايت ضروري آهي. ڌيئرن کي ننڍپڻ کان ئي ديني ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏني وڃي، خاص ڪري مڪتبة المدينہ جا اهي ڪتاب جن ۾ سنتون، اسلامي آداب، سيرتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ اسلامي اخلاقيات کي آسان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي: مثال طور: سيرتِ مصطفيٰ، 550 سنتون ۽ آداب، جنتي زيور، آدابِ دين ۽ اسلامي زندگي وغيره ڪتابن جو مطالعو ڪرايو وڃي.

مائرون پاڻ به انهن ڪتابن جو مطالعو ڪن ۽ گهر ۾ مطالعي جو ماحول قائم ڪن. نياڻيون جڏهن پنهنجي مائرن کي ديني ڪتاب پڙهندي ڏسنديون ته انهن جي دل ۾ به ڪتابن سان دوستي ۽ علمِ دين جي محبت پيدا ٿيندي.

اهڙي ريت مدني چينل تان نشر ٿيندڙ اصلاحي پروگرامن، خاص طور تي ”مدني مذاڪري“ سان انهن جو تعلق قائم ڪرڻ تربيت لاءِ نهايت ئي مفيد آهي. ان سلسلي ۾ مختلف ديني، اخلاقي، معاشرتي ۽ تربيتي موضوعن کي نهايت آسان ۽ دلنشين انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن سان ٻارن ۽ وڏن ٻنهي کي سنتن، زندگيءَ جي آدابن ۽ اسلامي تعليمات بابت قيمتي رهنمائي ملندي آهي. جيڪڏهن گهر وارا گڏجي مدني مذاڪرو ڏسن ۽ پوءِ ان ۾ بيان ٿيل ڳالهين تي پاڻ ۾ گفتگو به ڪن، ته هي ٻارن جي ذهني تربيت جو هڪ بهترين ۽ اثرائتو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

اهي اپاءَ ڌيئرن جي ديني تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تنهنڪري والدين کي

گهرجي ته هو گهر ۾ فضول ۽ غير ضروري پروگرامن بدران اهڙا پروگرام ڏسڻ جي عادت وجهن، جن مان ديني معلومات، اخلاقي تربيت ۽ سنتن جي محبت حاصل ٿئي. ٻارن جي دل ۾ محبتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌائڻ لاءِ کين سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا واقعا ٻڌايا وڃن، درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت وڌي وڃي، نعتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي ترغيب ڏني وڃي ۽ کين اهو سمجهايو وڃي ته سنتن تي عمل دراصل رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏسان محبت جو عملي اظهار آهي. جيڪو جيتري قدر سنتن تي عمل ڪندو آهي، هو اوترو ئي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو ٿي سگهي ٿو.

اهڙي طرح گهر ۾ سنتن جو عملي ماحول ٺاهيو وڃي. مثال طور گهر ۾ اچڻ وڃڻ وقت سلام، مسنون دعائن جو اهتمام، نماز جي اهميت، باپرده رهڻ جي ترغيب، سادگي اختيار ڪرڻ، وڏن جو احترام، ننڍن تي شفقت، صفائي سترائي، وقت جي پابندي، سچائي ۽ امانتداري جهڙن وصفن کي روزاني زندگيءَ جو حصو ٺاهيو وڃي. ان طرح سنتون رڳو ڪتابن تائين محدود نه رهنديون پر عملي زندگيءَ ۾ به نظر اينديون.

ياد رکو! ٻارن جي بهترين تربيت اها ناهي ته انهن کي رڳو دنيا ۾ ڪامياب ٺاهيو وڃي، بلڪ اصل ڪاميابي اها آهي ته انهن جي دل ۾ الله پاڪ، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، قرآنِ ڪريم ۽ سنتِ نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت پيدا ٿي وڃي. جيڪڏهن نياڻي سنتن سان محبت ڪندڙ، سنتون سکڻ واري ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ واري ٺهجي وڃي ته هوءَ پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين لاءِ ۽ پوري امت لاءِ خير ۽ برڪت جو ذريعو ٺهجي سگهي ٿي.

تنهنڪري مائرن کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي سنتن جي تعليم ڏين، سنتن تي عمل جي ترغيب ڏين، سنتن جي عظمت انهن جي دلين ۾ ويهارين، ديني مطالعي جي عادت پيدا ڪن، مدني چينل ۽ مدني مذاڪرو ڏسڻ جي ترغيب ڏين، مڪتبة المدينہ جي ڪتابن سان سلهاڙين ۽ کين اهڙي ديني ماحول ۾ نپائين، جتي سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ۽ ان تي عمل زندگيءَ جو مقصد ٺهجي وڃي. اها ئي تربيت دنيا ۽ آخرت جي حقيقي ڪاميابيءَ جي ضامن آهي



ٻارن لاءِ پياري حديث

# پريشانيون دور ڪريو

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

﴿مَنْ نَفَّسَ عَنْ مُؤْمِنٍ كُرْبَةً مِنْ كُرَبِ الدُّنْيَا نَفَّسَ اللّٰهُ عَنْهُ كُرْبَةً مِنْ كُرَبِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ﴾

يعني جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي دنيا جي ڪا پريشاني دور ڪندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي پريشانين مان ڪا هڪ پريشاني دور فرمائيندو.

(مسلم، ص1110، حديث: 6853)

پيارا ٻارؤ! هن دنيا ۾ هر انسان کي ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن مشڪل، پريشاني يا مصيبت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. ڪو بيمار ٿي پوندو آهي، ڪنهن تي قرض چڙهي ويندو آهي، ڪنهن جو ڪو پيارو فوت ٿي ويندو آهي، ڪو غربت ۽ تنگدستيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي تہ ڪو وري ٻيءَ ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي پوندو آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن ڪو اسان جي مدد ڪري، اسان کي تسلي ڏئي يا اسان جي مشڪل آسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ اسان جي دل خوش ٿي ويندي آهي ۽ ان لاءِ دل مان ڪيتريون ئي دعائون نڪرنديون آهن.

اسان جو پيارو دين اسلام اسان کي صرف پنهنجو فڪر ڪرڻ جو نہ، بلڪ ٻين جا ڏک سور ونڊڻ جو بہ درس ڏئي ٿو. شروع ۾ لکيل حديث پاڪ ۾ اهو ئي پيغام ڏنو ويو آهي.

پيارا ٻارؤ! توڙي جو توهان اجا ننڍا آهيو، پر پوءِ بہ ڪيترائي اهڙا ڪم ڪري سگهو ٿا جن سان ٻين کي راحت ۽ سڪون ملي. مثال طور: بيمارن لاءِ دعا ڪرڻ، غمگين ماڻهن جي دلجوئي ڪرڻ، پوڙهن جي مدد ڪرڻ، رستو وساري ويٺل شخص جي رهنمائي ڪرڻ، ڪنهن ضرورت مند جي خبر پنهنجي والدين تائين پهچائڻ ۽ هر هڪ سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ. اهي سڀ ڪم الله پاڪ کي پسند آهن.

اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي دنيا لاءِ رحمت بڻجي تشريف ڪٺي آيا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جون ضرورتون پوريون فرمائيندا هئا ۽ سندن تڪليفون ۽ پريشانيون دور ڪندا هئا. جيئن تہ

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابي حضرت جابر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا والد شهيد ٿي ويا هئا ۽ انهن تي قرض باقي هو (جنهن ڪري حضرت جابر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پريشان هئا). پاڻ بارگاهِ نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ۽ پريشاني

عرض ڪيائون. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ڪجورن (ڪتلن) جي ڍير وٽ تشريف کڻي ويا، پوءِ قرض ڏيندڙن کي گهرائڻ جو حڪم ڏنائون ۽ سڄو قرض ادا ٿي ويو، ايتري قدر جو ڪتلون بہ باقي بچي ويون. (ديکھے:بخاری، 247/2، حديث: 2781)

هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہ جي مالي مشڪلاتن ۽ پريشانين جي حل لاءِ بہ فڪر فرمائيندا هئا.

الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انسانن سان گڏوگڏ جانورن جون پريشانيون بہ دور فرمائيندا هئا. جيئن تہ

هڪ سفر دوران ڪجھ ماڻهن هڪ جهرڪيءَ جا ٻچا کڻي ورتا. جڏهن جهرڪي واپس آئي تہ پنهنجي ٻچن کي نہ ڏسي بي چين ٿي ڦڙڦڙائڻ لڳي، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي پريشاني ڏٺي ۽ فرمايو: هن جهرڪيءَ کي ان جي ٻچن جي ڪري ڪنهن پريشان ڪيو آهي؟ ان جا ٻچا ان کي واپس ڪري ڇڏيو. (ابو داؤد، 75/3، حديث: 2675)

ڏٺو اوهان! هڪ ننڍڙي جهرڪيءَ جي پريشاني بہ اسان جي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڏٺي نہ وئي.

پيارا ٻارؤ! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ مسلمان کي جانورن تي بہ ظلم نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ انهن جي ضرورتن جو خيال رکڻ گهرجي.

پيارا ٻارؤ! اسان کي بہ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو بيمار هجي تہ ان لاءِ دعا ڪريو. جيڪڏهن ڪو غمگين هجي تہ ان کي تسلي ڏيو. جيڪڏهن ڪو پوڙهو يا ڪمزور شخص مدد گهري تہ ان جي مدد ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن جانور کي تڪليف پهچي رهي هجي تہ ان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو، جيڪڏهن ڪنهن تي ڪا مشڪل اچي وڃي تہ پنهنجي والدين يا وڏن کي ٻڌائي ان جي مدد جو انتظام ڪريو.

ياد رکو! ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪندڙ ماڻهو الله پاڪ کي تمام گهڻو پسند آهن.

الله پاڪ اسان کي ٻين جي ڪم اچڻ، انهن جون پريشانيون دور ڪرڻ ۽ پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# ميلاد

مولانا حيدر علي مدني




اونهاري جي موسم پنهنجي پڄاڻي تي هئي، ان ڪري ڪلاس روم ۾ گهڻي گرمي نه هئي، بلڪ پکن جي هوا ڏاڍي وڻندڙ لڳي رهي هئي. ٻار تمام گهڻو خوش ۽ جوش سان ڀرپور نظر اچي رهيا هئا، ڇوته اڄ اسڪول ۾ ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ”بزمِ ميلاد“ نالي پروگرام ٿيڻو هو. پرنسپل صاحب اڳواٽ ئي ٻارن کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته جمعي جي ڏينهن پهرين ليڪچر کان پوءِ هي پروگرام ٿيندو، جنهن ۾ شهر جو هڪ وڏو عالم سڳورو بيان (Speech) لاءِ پڻ تشريف آڻي رهيو هو.

جيئن ئي پهرين ليڪچر جي گهنٽي وڄي، سر بلال ڪلاس روم ۾ داخل ٿيا. ڪجهه ٻار ته پنهنجي سيٽن تي ويٺل هئا پر ڪجهه ڳالهين ۾ مصروف هئا، جڏهن ته ٻه ٻار زور زور سان گفتگو ڪري رهيا هئا. سر بلال کي ڏسي سڀ ٻار خاموش ٿي ويا. ابتدائي سلام ۽ حال احوال پڇڻ کان پوءِ سر بلال انهن ٻنهي ٻارن کي مخاطب ڪندي پڇيو: ٻارؤ! ڪهڙي مسئلي تي ايڏي زور شور سان بحث هلي رهيو هو؟

انهن مان هڪ ٻار جو نالو حمزه هو، تنهن تڪڙ ۾ چيو: سر! عمر پاڻ پڇي رهيو هو ته ميلاد ڪيئن ملهائڻ گهرجي؟

سر بلال مرڪيا: جي عمر پٽ! توهان جو سوال تمام سٺو آهي. اچو ته پوءِ اڄ اسان ان موضوع تي گفتگو ڪريون ٿا، پوءِ سر بلال وائٽ بورڊ تي سڀ کان مٿان لکيو:

## ميلاد جي معنيٰ ۽ مفهوم

ٻارؤ! ميلاد جي معنيٰ آهي ”ولادت“ يعني پيدائش جو ذڪر ته جڏهن اسان ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوندا آهيون ته ان جو مطلب هوندو آهي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت مبارڪ جو ذڪر ڪرڻ. ان ذڪر جا مختلف انداز ٿي سگهن ٿا.

پوءِ سر وائٽ بورڊ جي وچ ۾ هڪ ليڪ ڪڍي ان کي ٻن حصن ۾ ورهايو ۽ ساڄي کاٻي پاسي لکيو:

## ميلاد ڪيئن ملهائڻ گهرجي؟
## ميلاد ڪيئن نه ملهائڻ گهرجي؟

۽ ٻارن ڏانهن ڏسندي ڳالهه ٻيهر شروع ڪيائون: ٻارؤ! يقينن ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملهائڻ هڪ عظيم نيڪي آهي، پر ٻين نيڪين وانگر اسان کي هن نيڪي کي به اسلامي تعليمات جي روشنيءَ ۾ ملهائڻ گهرجي. تنهنڪري اڄ

اسان اهو بہ سکنداسين تہ ميلاد النبي جي خوشي ملهائڻ جو اسلامي طريقو ڪهڙو آهي.

پهرين اهو ڏسون ٿا تہ ميلاد ملهائڻ دوران اسان ڪي ڪهڙين شين کان بچڻ گهرجي. پوءِ سر ڪابي پاسي واري حصي ۾ پهريون پوائنٽ لکيو:

**دهل گانا باجا:** ڏسو ٻارؤ! پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي تہ مون کي موسيقيءَ جا اوزار (Musical instruments) ٽوڙڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. تہ پوءِ اها ڪيتري نہ خراب ڳالهہ آهي تہ اسان ان ئي نبيءَ جي ميلاد جي خوشي ملهائڻ لاءِ دهل ۽ گانا باجا وڄايون يا ٻڌون.

**مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ:** ٻي شيءِ جنهن جو ميلاد ملهائڻ وقت خيال رکڻو آهي، اهو هي تہ اسان جي ڪنهن بہ عمل سان ٻين مسلمانن کي تڪليف نہ پهچي. مثال طور، ڪجهہ ماڻهو سڄو ڏينهن اسپيڪرن تي وڏي آواز ۾ نعتون هلائيندا رهندا آهن، جنهن سان ظاهر آهي تہ ٻين کي تڪليف ٿيندي هوندي. اسان نعتون ٻڌنداسين پر ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ بغير.

**بي ادبي:** ٽئين شيءِ جنهن کان بچڻو آهي، اها آهي بي ادبي. مثال طور: ميلاد جا جهنڊا، جهنڊيون، يا ڪجهہ ماڻهو هن موقعي تي خانهءِ ڪعبہ ۽ سبز گنبد جا ماڊل ٺهرائيندا آهن، تنهنڪري ميلاد گذرڻ شرط انهن کي حفاظت سان اهڙي جاءِ تي رکڻ گهرجي جتي بي ادبي نہ ٿئي. اهڙي طرح ميلاد جي نياز ورهائڻ وقت بہ خيال رکڻ گهرجي تہ رزق زمين تي نہ ڪري ۽ ضايع نہ ٿئي، بلڪ پيار سان ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيڻ گهرجي. هاڻي اچون ٿا تہ ميلاد ڪيئن ملهائڻ گهرجي؟

**نيڪين جو تحفو:** ٻارؤ! اسان پنهنجن پيارن کي سندن سالگرهہ تي تحفا ڏيندا آهيون نہ پر پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي دنياوي تحفن جي ضرورت ناهي، تنهنڪري سندن ميلاد جي موقعي تي اسان کي کين وڌ کان وڌ نيڪين جا تحفا موڪلڻ گهرجن. پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث مبارڪ آهي تہ: نماز ۾ منهنجي اکين جي ٿڌاڻ آهي. (سننِ کبری للنسائی، ص5280، حدیث:8888) هاڻي ميلاد جي خوشي ۾ پنج وقت نماز پڙهڻ شروع ڪريو ۽ اڳتي بہ ان جي پابندي ڪريو والدين جا فرمانبردار پٽ بڻجي وڃو، غريبن جي مدد ڪريو يقينن پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن تحفن سان تمام گهڻو خوش ٿيندا.

**درودِ پاڪ:** ٻارؤ! ائين تہ روزاني ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت وجهڻ گهرجي، پر ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهيني ۾ خاص طور تي پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وڌ کان وڌ درودِ پاڪ موڪلڻ گهرجي.

**سيرت النبي جو مطالعو:** ٻارؤ! اڄ جيڪڏهن اسان مان ڪو ڪنهن مشهور شخصيت (Celebrity) جو وڏو مداح (Fan) هجي، ته ان جي ڪوشش هوندي آهي ته ان جي باري ۾ سموري معلومات حاصل ڪري ۽ پوءِ ان جي نقل (Copy) ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جهڙوڪ ان جهڙا وار ناهڻ يا لباس پائڻ. اهڙي طرح ميلاد النبي جو هڪ اهم مقصد اهو به هوندو آهي ته ان موقعي تي اسان پنهنجي پياري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي مبارڪ جي باري ۾ وڌ کان وڌ علم حاصل ڪريون، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ (Blessed biography) پڙهون ۽ پوءِ ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ کي سنواريون. چو ته اسان ميلاد ان ڪري ملهائيندا آهيون ته اسان کي پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت آهي، ته جيڪڏهن اسان پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت نه پڙهون، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙا اخلاق نه اپنايون ۽ سنتن کان اڻڄاڻ رهون، ته اها ڪهڙي محبت ٿي؟

ايتري ۾ گهنٽي وڄي وئي ته سر چيو: ٻارؤ! هاڻي قطار ناهي درودِ پاڪ پڙهندي سڀ ٻار هال ۾ پهچو.

# دارُالافتاءِ اهلسنت

**مفتي محمد قاسم عطاري**

## (1) مسجد جي ڇت تي ميلاد وارو جهنڊو لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي جي باري ۾ ته مسجد جي ڇت تي ميلاد وارو جهنڊو لڳائي سگهجي ٿو يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

مسجد جي ڇت تي ميلاد جو جهنڊو لڳائڻ في نفسهٖ جائز بلڪ تمام گهڻو مستحسن (بهتر) عمل آهي، ڇوته هن دور ۾ سڄي دنيا جي اهلسنت جي وچ ۾ اهو رواج آهي ۽ ان کي سني مسجد هجڻ جي علامت سمجهيو ۽ ڄاتو وڃي ٿو. حديثِ پاڪ موجب جنهن ڪم کي مسلمان سٺو سمجهن، اهو الله پاڪ وٽ به سٺو هوندو آهي. وڌيڪ هي ته شريعت ۾ ان جي ڪا ممانعت ناهي، جيڪا ان جي جواز لاءِ ڪافي آهي. تنهنڪري ان ۾ ڪو حرج ناهي، بلڪ هي اهلسنت جي سڃاڻپ ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جي اظهار جو هڪ خوبصورت انداز آهي.

المستدرك للحاكم، مسند امام احمد، مسند بزار، المعجم الكبيرللطبرانى وغيره جي حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو: واللفظ للاول "ما رأى المسلمون حسنا فهو عند الله حسن" ترجمو: جنهن عمل کي مسلمان سٺو ڄاڻندا هجن، اهو الله پاڪ وٽ به سٺو آهي. (مستدرك للحاكم، 84/3، حديث:4465)

علامه زين الدين بن ابراهيم ابن نجيم مصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (سالِ وفات: 970ھ) لکن ٿا: "الاصل فى الاشياء الاباحة حتى يدل الدليل على عدم الاباحة" ترجمو: سمورين شين ۾ اصل مباح (جائز) هجڻ آهي، تان جو (ان شيءِ بابت) ناجائز هجڻ تي ڪو دليل قائم ٿي وڃي. (الاشباه والنظائر، ص56)

امامِ اهلسنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (سالِ وفات: 1340ھ/ 1921ء) کان مسجد جي ڇت تي اسلامي جهنڊو لڳائڻ بابت سوال ٿيو ته پاڻ جواب ۾ فرمايائون: (مسجد تي جهنڊو لڳائڻ ۾ مخالفت جو) انديشو نه هجي ته في نفسهٖ ڪو حرج ناهي. (فتاویٰ رضويه، 122/8)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2) قرآني آيتن ۽ حديثن واريون اخبارون بي وضو پڙهڻ، ڇهڻ ۽ انهن کي رديءَ ۾ وڪڻڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي بابت ته اخبارن ۾

قرآنِ ڪريم جون آيتون، حديثون ۽ ديني ڳالهيون بہ لکيل هونديون آهن، ماڻهو انهن کي بي وضو ڇهندا ۽ پڙهندا آهن ۽ پڙهڻ کان پوءِ اهي هيڏانهن هوڏانهن رکي ڇڏيندا آهن. پوءِ جڏهن ڪجهہ اخبارون گڏ ٿي وينديون آهن تہ انهن کي رديءَ ۾ وڪڻي ڇڏيندا آهن. انهن معاملن ۾ ضروري احتياط بابت رهنمائي فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

اخبار جي صفحن ۾ جنهن جاءِ تي قرآني آيت يا ان جو ترجمو لکيل هجي، تہ صفحي جي اوتري حصي کي آيت ۽ ترجمي واري جاءِ تان ۽ صفحي جي ٻئي پاسي (بالکل پويان) واري جاءِ تان بي وضو نٿو ڇهي سگهجي، پر صفحي جي باقي حصي ۽ باقي اخبار کي بي وضو ڇهي سگهجي ٿو. ان جو سبب اهو آهي تہ اخبار جي آيت واري صفحي تي ٻيون تحريرون بہ لکيل هونديون آهن، صرف آيت يا ترجمو ناهي هوندو، بلڪ صفحي جي معمولي حصي تي ئي قرآنِ پاڪ جي آيت يا ترجمو هوندو آهي. تنهنڪري صفحي جي باقي حصي کي ڇهڻ جائز آهي، جو تہ اهو قرآني آيت کي ڇهڻ نہ چئبو، جيئن ديني ڪتابن ۾ آيت واري حصي کان علاوه ٻين جاين کي بي وضو ڇهي سگهجي ٿو. اخبار رديءَ ۾ وڪڻڻ وقت اهو خيال رکڻ ضروري آهي تہ ان ۾

لکيل آيتون، حديثون، انهن جا ترجما، ديني مضمون وغيره مقدس تحريرون ۽ لفظ، اللّٰه پاڪ، انبياءِ ڪرام، ملائڪن عليهمُ السّلام، صحابہِ ڪرام ۽ بزرگانِ دين رحمةُاللّٰهِ‌عليهم جا نالا احتياط سان ڌار ڪيا وڃن، ان کان پوءِ باقي اخبار کي رديءَ ۾ وڪڻي سگهجي ٿو. جڏهن تہ اهي الڳ ڪيل حصا گڏ ڪري ڪنهن پاڪ ٿيلهي ۾ وجهي ادب واري جاءِ تي رکيا وڃن، يا زمين ۾ دفن ڪيا وڃن، يا گهري سمنڊ، درياءَ يا وڏي نهر ۾ ٿيلهي سان گڏ وزن رکي ٺڏو ڪيو وڃي (وهائي ڇڏجي).

**پاڻيءَ ۾ وهائڻ ۽ دفن ڪرڻ جو طريقو:** پاڻيءَ ۾ وهائڻ جو طريقو اهو آهي تہ ڪاغذن جي ٿيلهي ۾ وزني پٿر وجهي انهن کي اهڙي گهري درياءَ يا سمنڊ جي وچ ۾ اڇلايو وڃي جو اهي تري ۾ هليا وڃن ۽ ٻاهر ڪناري تي نہ اچي سگهن. گهٽ گهري پاڻيءَ ۾ نہ وجهجي جو تہ اهي لُڙهي ڪناري تي اچي ويندا آهن جنهن سان بي ادبي ٿيندي آهي. پاڻي ۾ وجهڻ کان پهريان ٿيلهي کي ڪجهہ جاين تان چيرا ڏجن تہ جيئن ان ۾ پاڻي ڀرجي وڃي ۽ اهو سڌو تري ۾ هليو وڃي. سڀ کان بهتر طريقو اهو آهي تہ انهن کي پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي زمين ۾ دفن ڪيو وڃي. ان جو طريقو هي آهي تہ انهن لاءِ لحد (بغلي قبر) ٺاهي وڃي، يعني کڏ کوٽي قبلي واري پاسي واري پٽ کي ايترو

کوٺجي جو سمورا مقدس اوراق ان سوراخ ۾ سمائجي وڃن تہ جيئن انهن تي مٽي نہ پوي. صندوق نما قبر بہ ناهي سگهجي تي، جنهن ۾ مٿان تختو رکي ڇت بڻائي وڃي ۽ ان ڇت تي مٽي وڌي وڃي تہ جيئن انهن تحريرن تي سڌي مٽي نہ پوي ۽ نہ ئي ڪنهن لنگهڻ واري جو پير پوي. اهو احتياط بہ ضروري آهي تہ مقدس اوراق کي ڪنهن وقف قبرستان ۾ دفن نہ ڪجي، ڇوتہ قبرستان مسلمانن جي دفنائڻ لاءِ وقف هوندو آهي ۽ ان ۾ اوراقِ مقدسہ دفن ڪرڻ يا کوهہ بڻائڻ جائز ناهي، ڇوتہ اهو وقف جي حالت تبديل ڪرڻ آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (3) خريد و فروخت ۾ ٽرانسپورٽ جي ڪري مال ضايع ٿي وڃي تہ ذميواري ڪنهن تي آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي بابت تہ هڪ پارٽي اسان کان مال گهرايو، اسان مال جي ڪوالٽي، قيمت وغيره طئي ڪري سودو ڪيو، پر رقم هڪ مهيني کان پوءِ ڏيڻ جو واعدو ٿيو. ان کان پوءِ اسان اهو مال پارٽي جي چوڻ تي، انهن جي مقرر ڪيل ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيو. رستي ۾ ٽرانسپورٽ واري گاڏيءَ کي حادثو پيش آيو ۽ مال ضايع ٿي ويو. هاڻي پارٽي چوي ٿي تہ مال اسان تائين ناهي پهتو، ان ڪري اسان رقم نہ ڏينداسين. پڇڻو اهو آهي تہ ضايع ٿيل مال ڪنهن جي ذميواريءَ ۾ ضايع ٿيو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شريعتِ اسلاميہ جي روءِ سان خريد و فروخت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ خريدار تي لازم آهي تہ هو شيءِ جي قيمت وڪڻڻ واري کي ادا ڪري، ۽ بائع (وڪڻندڙ) تي لازم آهي تہ هو وڪيل شيءِ خريدار جي حوالي ڪري. خريدار جي مقرر ڪيل ماڻهوءَ يا ڪمپنيءَ جي حوالي ڪرڻ بہ اصل ۾ خريدار جي حوالي ڪرڻ ئي آهي، ڇو تہ هو بطور وڪيل قبضو ڪري ٿو ۽ وڪيل جو قبضو مؤڪل (اصل مالڪ) جو قبضو ليکيو ويندو آهي. پڇيل صورت ۾، توهان مبيعہ (وڪيل شيءِ) جڏهن تہ خريدار (مشتري) جي مقرر ڪيل ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي هئي، تنهنڪري توهان جي پاسي کان شيءِ حوالي ڪرڻ وارو شرط پورو ٿي ويو. ان کان پوءِ ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ کان جيڪو مال ضايع ٿيو، اهو خريدار جو ضايع ٿيو، تنهنڪري خريدار تي واعدي موجب ان مبيع (وڪيل شيءِ) جي قيمت ادا ڪرڻ لازم آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم



والدين جي ناءِ

# ٻارن کي عاشقِ رسول بڻايو

حافظ حفيظ الرحمٰن عطاري مدني

الله پاڪ والدين کي اولاد جي ديني ۽ اخلاقي تربيت جي عظيم ذميواري حوالي ڪئي آهي. ان تربيت جو سڀ کان اهم پهلو هي آهي تہ ٻارن جي دلين ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي وڃي، ڇوتہ جنهن دل ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتري مضبوطي سان هوندو، اها دل گناهن کان اوترو ئي محفوظ رهندي ۽ نيڪين ڏانهن وڌندي رهندي. هيٺ ٻارن جي دلين ۾ عشقِ رسول پيدا ڪرڻ جا ڪجهہ طريقا بيان ڪجن ٿا:

## نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تعارف پيش ڪريو

(1) شان ۽ عظمت بيان ڪريو: ٻارن جي دلين ۾ عشقِ مصطفيٰ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪين ٻڌايو تہ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪير آهن! نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت بيان ڪريو، ٻارن کي ٻڌايو تہ شانِ مصطفيٰ اهڙو بلند ۽ بالا آهي جو تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام فرشتا ۽ ساري مخلوق پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقامِ عظمت جي اقراري آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ اقدس علم، حلم، رحمت، عدل ۽ اخلاقِ حسنہ جو ڪامل نمونو آهي. قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪندي فرمايو:

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ؕ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اسان تنهنجي خاطر تنهنجو ذڪر بلند ڪري ڇڏيو.[1]

دنيا جي هر ڪنڊ ۾ اذانن، نمازن ۽ درود و سلام جي ذريعي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير جاري آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت جو اندازو هن ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ الله پاڪ ڪين تمام جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو، ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت کي پنهنجي اطاعت قرار ڏنو. بيشڪ حضور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ انساني طاقت کان ٻاهر آهي، ڇوتہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي سڀ کان عظيم نعمت ۽ تمام مخلوق ۾ سڀ کان افضل آهن.

---

1 پ30،الم نشرح:4

(2) **ٻارن کي سيرتِ رسول ٻڌايو:** ٻارن جون دليون واقعن سان تمام گهڻو متاثر ٿينديون آهن. ان ڪري روزانو يا هفتي ۾ ڪجهه ڀيرا ٻارن کي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي، اخلاق، رحمت ۽ محبت سان ڀرپور واقعا ٻڌايو. ان حوالي سان ٻارن لاءِ اهي واقعا وڌيڪ اثرائتا ٿي سگهن ٿا جن ۾ خاص طور تي ٻارن تي شفقتِ مصطفيٰ جو ذڪر هجي. مثال طور:

(1) نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري صحابي حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ تحفي طور هڪ ٿانوَ ۾ حلوو پيش ڪيو ويو، ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سيني کي ٿورو ٿورو حلوو ڏنو. جڏهن منهنجي واري آئي ۽ مون کي هڪ ڀيرو ڏيڻ کان پوءِ فرمايائون: ڇا توهان وڌيڪ ڏيان؟ مون عرض ڪيو: جي ها! ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ننڍي عمر جي ڪري مون کي وڌيڪ عطا فرمايو، ان کان پوءِ جيڪي ماڻهو باقي رهجي ويا هئا انهن کي ڏنائون.[2]

(2) حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن منهنجو ننڍو ڀاءُ پيدا ٿيو ته مان کيس حضور جي بارگاهه ۾ کڻي آيس، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت شفقت ۽ محبت سان کيس پنهنجي هنج ۾ ورتو، پوءِ کجور گهرائي، پنهنجي مبارڪ وات ۾ چٻاڙي نرم ڪيائون، جڏهن خوب نرم ٿي وئي ته منهنجي ننڍڙي ڀاءُ جي وات ۾ رکيائون. هو ان کي چوسڻ لڳا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏسي مرڪيا ۽ فرمايائون: انصار جي کجور سان محبت ڏسو! پاڻ ان جي چهري تي مبارڪ هٿ ڦيرايو ۽ ان جو نالو عبدالله رکيائون.[3]

ان کان علاوه سيرت جي ڪتابن ۾ ڪيترائي واقعا موجود آهن جن ۾ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچائي، امانتداري، شفقت، عفو و درگذر ۽ ايتري قدر جو جانورن تي رحم ڪرڻ جا عجيب مثال موجود آهن. جڏهن ٻار اهي واقعا ٻڌندا ته سندن دليون پاڻمرادو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان لبريز ٿي وينديون.

مڪتبة المدينه جو تمام پيارو ڪتاب "آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سيرت" جيڪو صرف 147 صفحن تي مشتمل آهي، اهو به پڙهي ٻڌايو ۽ ڪڊز مدني چينل تي سلسلو "Life Of Mohammad" نشر ٿيندو آهي، ان ۾ به نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنهري حيات جا واقعا بيان ڪيا ويندا آهن، اهو سلسلو ڏيکارڻ ڏانهن ٻارن کي راغب ڪرڻ به مفيد ثابت ٿيندو.

(3) **سيرتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٻڌل ڪتاب فراهم ڪريو:** ٻارن جي عمر جي لحاظ سان سيرتِ نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لکيل ڪتاب، رسالا ۽ ٻارن جون اسلامي ڪهاڻيون گهر ۾ موجود هجڻ گهرجن. ٻارن کي اهڙن ڪتابن جي مطالعي جي ترغيب ڏني وڃي جن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي جا واقعا سادي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيا ويا هجن. هي مطالعو سندن علم ۾ اضافو ڪندو ۽ محبتِ رسول کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو.

---

[2] معجم كبير للطبرانى، 118/25، حديث:288

[3] شعب الايمان،99/5،حديث:5935

## محبتِ رسول ايمان جي جان آهي

## ٻارن کي محبتِ رسول جي اهميت

ٻڌايو. ڪين ٻڌايو تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ توهان مان ڪو بہ شخص ان وقت تائين ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي، جيستائين مان ان کي سندس والد، اولاد ۽ تمام ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان. هي حديث سڳوري ان ڳالهہ جي رهنمائي ڪري رهي آهي تہ جيڪڏهن والدين پنهنجي ٻارن کي ڪامل ايمان وارو، بااخلاق ۽ نيڪ مسلمان ڏسڻ چاهين ٿا تہ ننڍپڻ کان ئي ڪين عشقِ رسول جا جام ڀري ڀري پيارين.

## درودِ پاڪ پڙهڻ جو عادي بڻايو

درودِ پاڪ عشقِ رسول کي وڌائڻ جو بهترين ذريعو آهي، تنهنڪري پنهنجي ٻار کي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات تي درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت وجهو. ان لاءِ خاص طور ٻار جي سامهون رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ انور ٿيڻ تي محبت سان درود شريف مثلاً صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب (يعني خدا جي حبيب تي درود پڙهو) چئي ٻار کي بہ درود پڙهڻ جي ترغيب ڏيو. وقت بوقت ٻار کي درود شريف پڙهڻ جون فضيلتون ٻڌائيندا رهو، گهر جي ماحول کي درودِ پاڪ جي فضا سان معطر رکو.

## نعتون ۽ عظمت ۽ عقيدت سان ڀرپور ڪلام ٻڌايو

گهر ۾ ٻارن کي اهڙا نعتيہ ڪلام ٻڌايا وڃن جن ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان، محبت ۽ سيرت جو بيان هجي. نعت خواني جون محفلون ۽ خوبصورت نعتيہ ڪلام ٻارن جي جذبات کي بيدار ڪندا آهن ۽ سندن دلين ۾ عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڏيئو روشن ڪندا آهن. ان ڳالهہ جو خيال رکو تہ نعتيہ اشعار ٻارن جي ذهني صلاحيت ۽ سمجهہ موجب هجن، جن جي معنيٰ ۽ مقصد ٻار آساني سان سمجهي سگهن. جيڪڏهن ڪو ڏکيو شعر اچي وڃي تہ ان جي معنيٰ سمجهائڻ جو بندوبست ڪريو.

## سنتن تي عمل جو اهتمام

والدين سنتن کي روزانو جي زندگي جو حصو بڻائين تہ جيئن ٻار سنتون سکي عمل ڪن ۽ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿئي. جهڙوڪ کائڻ پيئڻ جا آداب ٻڌايو، سلام ڪرڻ جي عادت وجهو، رسول پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون ننڍيون ننڍيون دعائون ياد ڪرايو.

## جذباتي وابستگي پيدا ڪريو

والدين ٻارن جي سامهون مديني پاڪ ۽ روضہءِ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حاضري جي خواهش جو خوب اظهار ڪن. ان کان علاوه دين، شعائرِ اسلام ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان منسوب شين جو تذڪرو ڪن ۽ انهن جو ادب ڪرڻ سيکارين. الله پاڪ اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي سچو عاشقِ رسول بڻائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب
## ربيعُ الاول 1448 / اگسٽ 2026

### (1) پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت فجر کان اڳ ٿي هئي يا پوءِ؟

**سوال:** سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جو وقت فجر کان اڳ هو يا فجر کان پوءِ؟

**جواب:** پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جو وقت، رات جو بلڪل آخري حصو ۽ صبح جي شروعات جو وقت هو، يعني رات وڃي رهي هئي ۽ صبح اچي رهي هئي ائين رات کي به نوازيو ويو ۽ صبح کي به مشرف فرمايو ويو. (مدنی مذاکره، 9ربيع الاول 1440ھ)

### (2) پهرين رڪعت ۾ سورهءِ فاتحه کان پوءِ سورة الناس پڙهي ورتي ته...

**سوال:** جيڪڏهن فرض نماز جي پهرين رڪعت ۾ سورهءِ فاتحه کان پوءِ سورة الناس پڙهي ورتي ته هاڻي ٻي رڪعت ۾ ڪهڙي سورت پڙهبي؟

**جواب:** ٻي رڪعت ۾ به سورهءِ فاتحه کان پوءِ اها ئي سورةُ الناس پڙهبي. (دیکھئے: فتاویٰ رضویه، 266/6، 267-بہار شریعت، 548/1- مدنی مذاکره، 9 شوال المکرم1444ھ)

### (3) جشنِ ولادت جا جهنڊا ڪڏهن لاهجن؟

**سوال:** جشنِ ولادت جي موقعي تي اسان پنهنجن گهرن تي جيڪي جهنڊا لڳائيندا آهيون، اهي ڪڏهن لاهجن؟

**جواب:** ٿي سگهي ته 25 صفر المظفر کان هڪ اڌ ڏينهن اڳ لڳايا وڃن ته جيئن منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ به ان ۾ اچي وڃي، ۽ پوءِ ٻارهين شريف جو ڏينهن گذاري انهن جهنڊن کي لاهي احتياط سان رکيو وڃي ته جيئن ايندڙ سال ڪم اچي سگهن. جيڪڏهن اهي جهنڊا سڄو سال لڳل رهندا ته پوءِ شايد انهن ڏانهن ڪو ڌيان به نه ڏيندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اُس ۽ هوا جي ڪري ڳري سڙي (شهيد ٿي) زمين تي ڪري پون. (مدنی مذاکره، 9ربيع الاول 1440ھ)

### (4) ڇا 12 ربيع الاول جي ڏينهن ڪم تي وڃي سگهجي ٿو؟

**سوال:** جيڪڏهن آفيس ۾ ڪو ضروري (Urgent) ڪم هجي ته ڇا 12 ربيع الاول جي ڏينهن ڪم تي وڃي سگهجي ٿو؟

**جواب:** 12 ربيع الاول ۽ عيدن (يعني عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ) جي ڏينهن مسلمانن جي اڪثريت موڪل ڪندي آهي، جيڪڏهن ڪو انهن ڏينهن ۾ موڪل ڪرڻ بدران ڪم ڪار ڪري ٿو ته اهو منع ناهي. ٿي سگهي ٿو ته جيڪي مسلمان غير مسلمن وٽ

نوڪريون ڪن ٿا، اهي ڪين انهن ڏينهن جي موڪل نہ ڏيندا هجن ۽ ڪين ڪم ڪرڻو پوندو هجي، تہ اهي ڪم ڪري سگهن ٿا. ائين ئي ڪجهہ مسلمان بہ پنهنجن ملازمن کي انهن ڏينهن جي موڪل نہ ڏيندا آهن، ڇو جو عيدن ۾ 12 ربيع الاول جي ڏينهن سندن ڪم وڌي ويندو آهي. جيئن وڏي عيد جي ڏينهن گوشت وڪڻندڙن جي موڪل ناهي هوندي، جو ان ڏينهن اهي ماڻهو وڌيڪ مصروف هوندا آهن. اهڙي طرح جانور وڪڻندڙ واپاري بہ وڏي عيد جي ڏينهن موڪل نہ ڪندا آهن. ائين ئي عيدن ۾ ملنائي ۽ جنرل اسٽور وارن جو ڪم بہ تمام گهڻو هوندو آهي تہ اهي بہ موڪل نہ ڪندا آهن. گڏوگڏ جيڪي ماڻهو ٻارن جا رانديڪا وغيره وڪڻندا آهن، انهن جي بہ عيدن وغيره تي موڪل ناهي هوندي، ڇو جو اهي سندن خاص ڪمائيءَ جا ڏينهن هوندا آهن. (مدنی مذاکرہ، 9ربیع الاول 1440ھ)

## (5) قبر تي جهنڊا يا جهنڊيون لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ميلاد شريف جي موقعي تي پنهنجن مرحومين جي قبرن تي ميلاد شريف جا جهنڊا يا جهنڊيون لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** منهنجو مشورو اهو آهي تہ هن ڳالهہ کي رواج نہ ڏيو، ممڪن آهي تہ جهنڊا يا جهنڊيون ٻار وغيره پٽي ڪٽي وجن يا وري برسات ۾ اُس لڳڻ سان پراڻا ٿي اڏامي وڃن ۽ ائين انهن جي بي ادبي ٿئي. تنهنڪري قبر تي ميلاد جا جهنڊا لڳائڻ بدران ٻوٽا لڳايا وڃن، جو اهي جيسيتائين ساوا رهندا، ذڪر ڪندا رهندا جنهن سان ميت جي دل لڳندي. منهنجي والده مرحومہ جي قبر تي بہ ڪجهہ ماڻهو جهنڊا لڳائي ويندا آهن، مهرباني ڪري! اهي ائين نہ ڪن، ها گل رکڻ سنو عمل آهي. (مدنی مذاکرہ، 16ربیع الاول 1440ھ)

## (6) مسجد جو چندو ڪنهن کي اڌار ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا مسجد جا پئسا ڪنهن کي اُڌار ڏئي سگهجن ٿا؟

**جواب:** مسجد جا پئسا متولي نہ ڪنهن کي اُڌار ڏئي سگهي ٿو ۽ نہ ئي پاڻ اڌار وٺي سگهي ٿو. (دیکھئے: فتاویٰ رضویہ، 574/16) بلڪ اهي مسجد ۾ ئي استعمال ٿيندا. اهو بہ نٿو ٿي سگهي تہ هاڻي ائين ئي رکيل آهن، اسان استعمال ڪري وٺون ٿا پوءِ مسجد جي چندي ۾ وجهي ڇڏينداسين يا فلاڻي ڏکويل کي ڏئي ڇڏيون ٿا تہ هو وقت تي موٽائي ڏيندو وغيره وغيره. مطلب تہ ڪنهن بہ صورت ۾ مسجد جو چندو نہ قرض ڏئي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي واپسي جي نيت سان پاڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. البتہ

ايڊوانس پگهار ڏئي سگهجي ٿي، پر اها بہ عرف (رواج) جي مطابق ڏني ويندي.
(مدنی مذاکرہ، 29شوال المکرم 1441ھ)

## (7) ميت کي تڪليف ڏيڻ کان بچايو

**سوال:** "مُردي تي مڪ ويهي رهي تہ ان کي جبل جي برابر لڳندي آهي" ڇا اهڙي ڪا روايت موجود آهي؟

**جواب:** اها ڳالهہ مون پهريون ڀيرو ٻڌي آهي، اڃا تائين نہ ڪٿي پڙهي آهي ۽ نہ ئي عالمن کان ٻڌي آهي. البت مُردي جا وار ٽوڙڻ بہ منع آهي جو ان سان بہ ميت کي تڪليف ٿيندي آهي. (ديکھئے: فتاوىٰ رضویہ، 164/9) اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فتاويٰ رضويه شريف ۾ هڪ حديث پاڪ بيان فرمائي آهي: بيشڪ مسلمان مُردي جي هڏي ٽوڙڻ ائين ئي آهي جيئن زنده مسلمان جي هڏي ٽوڙڻ.
(ابوداؤد، 285/3، حدیث: 3207-دیکھئے: فتاوىٰ رضویہ، 165/9)

الله پاڪ اسان کي مرڻ کان پوءِ "پوسٽ مارٽم" کان بچائي، جو ان ۾ مُردي کي چيريو ڦاڙيو ويندو آهي.

اهڙي طرح جڏهن پرڏيهہ ۾ ڪنهن عزيز جو انتقال ٿي ويندو آهي ۽ اهي اتان ميت گهرائيندا آهن تہ هو ميت کي چيري ان جي اندر مان اوجهڙي ۽ آنڊا وغيره ڪڍي ان ۾ ڪيميڪل ڀري ڇڏيندا آهن ۽ ان کان پوءِ ميت پهچندي آهي. تنهنڪري ميت کي تڪليف ڏيڻ کان بچايو ۽ جنهن ملڪ ۾ انتقال ٿيو آهي، اتي ئي تدفين ٿيڻ ڏيو.
(مدنی مذاکرہ، 26شعبان المعظم 1444ھ)

## (8) گهر ۾ سَهو پالڻ

**سوال:** گهر ۾ سهو رکڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** سَهو حلال جانور آهي، ان کي گهر ۾ رکڻ، پالڻ جائز آهي، پر انهن جي کائڻ پيئڻ جو پورو خيال رکڻو پوندو. گهر ۾ ٻار آهن تہ ٻارن کان بہ ان جي حفاظت ڪرڻي پوندي تہ جيئن ٻار ان کي ڪا تڪليف نہ پهچائين.
(مدنی مذاکرہ، 9 شوال المکرم 1444ھ)

## (9) قضا نماز ويهي پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا قضا نماز ويهي پڙهي سگهجي ٿي؟

**جواب:** قضا فرض ۽ وتر واجب، بغير ڪنهن شرعي اجازت (مجبوري) جي ويهي نٿا پڙهي سگهجن.

(دیکھئے: بہار شریعت، 510/1-مدنی مذاکرہ، 9 شوال المکرم 1444ھ)



# رسولِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خُوش ڪندڙ اعمال

**مولانا شهزاد علي عطاري مدني**

حضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان لاءِ الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت آهن. الله پاڪ جي توفيق سان نيڪ اعمال ڪندي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دل کي خوشي پهچائڻ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ڪرڻ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ سان گڏوگڏ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو ذريعو پڻ آهي جڏهن ته ان جي ابتڙ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلبِ مبارڪ کي تڪليف پهچائڻ دنيا ۽ آخرت جي بربادي ۽ جهنم ۾ داخلي جو سبب آهي. اچو ته! ڪجھ مبارڪ حديثون پڙهون ٿا جن ۾ انهن عملن جو ذڪر آهي جن سان حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلبِ انور کي خوشي حاصل ٿي يا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪ عملن تي خوشيءَ جو اظهار فرمايو.

## ڪنهن جي ضرورت پوري ڪرڻ تي خوشي

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو منهنجي ڪنهن اُمَّتِيءَ جي حاجت پوري ڪري ۽ ان مان ان شخص جي خوشي چاهيندو هجي، ته ان مون کي خوش ڪيو، ۽ جنهن مون کي خوش ڪيو تنهن الله پاڪ کي خوش ڪيو، ۽ جنهن الله پاڪ کي خوش ڪيو ته الله پاڪ کيس جنت ۾ داخل فرمائيندو.[1]

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تمام ايمان افروز تشريح بيان فرمائي آهي، پاڻ فرمائن ٿا: خداءِ پاڪ جي رضا (۽ خوشي) صرف حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا (۽ خوشي) ۾ آهي، وڏي ۾ وڏي نيڪي جنهن سان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راضي نه هجن، ان سان خداءِ پاڪ هرگز راضي نه ٿيندو.[2]

هڪ روايت ۾ ائين به آيو آهي ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص مون کان پوءِ ڪنهن مسلمان کي خوشي پهچائي، ته ان مون کي منهنجي مزار ۾ خوشي پهچائي، ۽ جيڪو مون کي مزار ۾ خوشي پهچائيندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن کيس خوشي عطا فرمائيندو.[3]

## امت جي نيڪين جي خبر ملڻ تي خوشي

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1 شعب الايمان، 115/6، حديث:7653

2 مرأة المناجيح، 581/6

3 جمع الجوامع، 172/7، حديث:22063

جن ارشاد فرمايو منهنجي حيات (يعني زندگي) توهان لاءِ بهتر آهي جو توهان گفتگو ڪريو ٿا ۽ توهان لاءِ گفتگو ڪئي وڃي ٿي، ۽ جڏهن منهنجو وصال(يعني انتقال) ٿي ويندو ته اهو به توهان لاءِ بهتر آهي جو توهان جا اعمال مون تي پيش ڪيا ويندا، جيڪڏهن مان ڀلائي ڏسندس ته الله پاڪ جي حمد و ثنا (پاڪائي ۽ تعريف) بيان ڪندس، ۽ جيڪڏهن برائي ڏسندس ته مان توهان لاءِ الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪندس.[4]

حديث شريف جي لفظن ”توهان گفتگو ڪريو ٿا ۽ توهان لاءِ گفتگو ڪئي وڃي ٿي“ مان مراد هي آهي ته توهان مون سان اهي ڳالهيون بيان ڪريو جيڪي توهان کي مشڪل معلوم ٿين ۽ مان توهان کي اهي ڳالهيون ٻڌايان جيڪي توهان جي الجهن دور ڪري ڇڏين ۽ توهان کي ڪمال جي درجي تائين پهچائي ڇڏين.[5]

اي عاشقانِ رسول! نيڪي ڏسي الله پاڪ جي حمد و ثنا ۽ تعريف بيان ڪرڻ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خوش ٿيڻ جي دليل آهي. جيئن ته علامه سَمهودي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پڻ مسند بزار جي روايت نقل ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: بيشڪ اسان جا پيارا نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جا نيڪ اعمال ڏسي خوش ٿيندا آهن ۽ بُرا اعمال ڏسي غمگين ٿيندا آهن.[6]

هڪ روايت ۾ آهي ته غمن جي ماريَل ماڻهن جا غم دور ڪندڙ خوش اخلاق آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سومر ۽ خميس تي الله پاڪ جي حضور اعمال پيش ٿيندا آهن ۽ انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون هر جمعي تي. اهي نيڪين تي خوش ٿيندا آهن ۽ انهن جي چهرن جي صفائي ۽ تابش(يعني چمڪ، مهڪ) وڌي ويندي آهي، تنهنڪري الله پاڪ کان ڊڄو ۽ پنهنجي وفات ڪري ويلن کي پنهنجي گناهن سان رنج (يعني ڏک ۽ تڪليف) نه پهچايو.[7]

## صدقي ۽ خيرات تي خوشي

صحابيءِ رسول حضرت جَرير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته اسان صبح جو سوير حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ قبيلي مُضر جا ماڻهو آيا، جيڪي لباس جي کوٽ سبب ڪمبل ويڙهيو وينا هئا ۽ تلوارون ڳچيءَ ۾ پاتل هئن. انهن جو فاقو (يعني تنگدستي) ڏسي حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري جو رنگ تبديل ٿي ويو. پاڻ اندر تشريف کڻي ويا، پوءِ ٻاهر آيا، حضرت بلال کي حڪم ڏنائون، جنهن اذان ۽ تڪبير چئي، پوءِ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز پڙهائي ۽ خطبو

---

4 مسند بزار، 308/5، حديث:1925
5 تيسير، 502/1
6 وفاء الوفاء باخبار دار المصطفیٰ، 1354/4)(الحاوی، 180/2
7 نَوادِرُ الاصول،260/2

ڏنو، جنهن ۾ هي آيتون تلاوت فرمايائون:

﴿يَآيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ خَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَ بَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَآءً ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا(۱)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو جنهن توهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ مان ان جو جوڙو پيدا ڪيائين ۽ انهن ٻنهي مان ڪيئي مرد ۽ عورتون پکيڙيائين ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي تي هڪ ٻئي کان سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن کي ٽوڙڻ کان ڊڄو. بيشڪ الله توهان تي نگهبان آهي.[8]

﴿اِتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ(۱۸)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جان ڏسي ته ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي.[9]

پوءِ ارشاد فرمايائون: انسان پنهنجي دينار، درهم، پنهنجي ڪپڙن، ڪڻڪ ۽ جَوَ جي صاع مان خيرات ڪري، ايتري تائين جو فرمايائون: ڪجيءَ جي ڦاڪ يا ٽڪرو ئي سهي. راوي فرمائن ٿا ته هڪ انصاري ٿيلهو کڻي آيا، جنهن جي وزن کان سندس هٿ ٿڪجي رهيو هو، بلڪ ٿڪجي پيو هو، پوءِ ته ماڻهن جي قطار لڳي وئي، تان جو مون کاڌڻ جي شين ۽ ڪپڙن جا ڍير ڏٺا. تنهن کان پوءِ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ کي ڏٺو ته اهو خوشيءَ سان ائين چمڪي رهيو هو ڄڻ ته سون جي مُهر هجي.[10]

شرح: (نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ تي اها چمڪ) فقيرن جي حاجت روائي ۽ صحابن جي خيرات تي خوشي جي ڪري هئي. ان مان اها به خبر پئي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جي نيڪين تي خوش ٿيندا آهن، ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول کي راضي ڪرڻ چاهي، اهو فقيرن جي ضرورت پوري ڪري.[11]

اي عاشقانِ رسول! رضاءِ اِلاهي کي مدنظر رکندي ۽ اخروي فائدي جي حصول لاءِ جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي پير و مرشد، ماءُ پيءُ يا استاد وغيره کي خوشي پهچائڻ لاءِ ڪو ڪم ڪري ته اهو اخلاص جي خلاف ناهي، ۽ اهو اهڙو عمل آهي جنهن سان اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به خوشي حاصل ٿئي ٿي.

الله پاڪ اسان کي پنهنجي آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڪندڙ اعمال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[8] پ4، النساء: 1
[9] پ27، الحشر: 18
[10] مسلم، 394، حديث:2351
[11] مراۃُ المناجيح، 1/ 196



# حديث جي شرح

## جنت ۾ رسولُ الله جي رفاقت

عَنْ اَبِیْ فِرَاسٍ رَبِيْعَةَ بْنِ كَعْبٍ اَلْاَسْلَمِيِّ خَادِمِ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمِنْ اَهْلِ الصُّفَّةِ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ قَالَ: كُنْتُ اَبِيْتُ مَعَ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَاٰتِيْهِ بِوَضُوْئِهِ وَحَاجَتِهٖ فَقَالَ: سَلْنِیْ، فَقُلْتُ: اَسْاَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِی الْجَنَّةِ، فَقَالَ: اَوْ غَيْرَ ذٰلِكَ؟ قُلْتُ هُوَ ذَاكَ قَالَ: فَاَعِنِّیْ عَلٰى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْدِ۔[1]

ترجمو: حضرت ابو فِراس رَبِيعہ بن كَعْب اسلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خادم ۽ اهلِ صُفّہ مان هئا، فرمائن ٿا تہ مان رات جو حضور نبي كريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر رهندو هئس، پوءِ مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ سندن وضوءَ جو پاڻي ۽ ٻين ضرورتن (جو سامان) آڻيندو هيس، هڪ ڏينهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (جي جود و كرم جو درياءَ جوش تي هو ۽ پاڻ) مون كي فرمايو: (اي ربيعہ!) گُهر! جيكو گهرڻو اٿئي؟ مون عرض كيو: يَا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان كان جنت ۾ اوهان جو ساٿ گهران ٿو، پاڻ فرمايائون: ان كانسواءِ كجھ ٻيو؟ مون عرض كيو: بس اهو ئي، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پوءِ سجدن جي كثرت سان پنهنجي معاملي ۾ منهنجي مدد كر.

### سيدنا ربيعہ بن كعب جو مختصر تعارف

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي كنيت ابو فراس آهي، اَسلمي آهن، اصحابِ صُفّہ مان هئا، قديمُ الاسلام صحابي آهن، حضور نبي كريم رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سفر ۽ حضر جا خاص خادم آهن، 63 هجري ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو وصال ٿيو.[2]

## رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي كرم نوازيءَ جا سبب

مذكوره حديثِ پاك ۾ آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت رَبيعہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا كي فرمايو: گهر! ڇا ٿو گهرين؟ شارحين ان جا كيترائي سبب بيان فرمايا آهن. جيئن تہ،

حضرت علامہ ملا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور نبي كريم رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيدنا ربيعہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا كي فرمايو: گهر! ڇا ٿو گهرين؟ يعني مون كان پنهنجي حاجت بيان كر.

علامہ ابن حجر هيتمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني تو جيكا منهنجي خدمت كئي آهي ان خدمت جي بدلي ۾، مان توهان كي تحفو ڏيان. ڇو تہ كريم ماڻهن جو اهو شان هوندو آهي تہ جيكو سندن خدمت

[1] مسلم، ص199، حديث:1094

[2] مرآة المناجيح، 83/2

ڪندو آهي ان کي انعامن سان نوازيندا آهن ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪان وڌيڪ ڪريم ڪو بہ ناهي.[3]

## رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اختيارن جي وسعت

پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ ۾ ان ڳالھ جو واضح بيان آهي تہ حضور نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مطلقاً فرمايو تہ گھر! جيڪو گھرڻو اٿئي.“ ان مان معلوم ٿيو تہ اللّٰه پاڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي زمين و آسمان ۽ دنيا و آخرت جي سمورن خزانن تي اهڙو اختيار عطا فرمايو آهي جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنھن کي چاهين جيڪو چاهين عطا فرمائي ڇڏين، ان ئي سبب اسان جي ائمہ ڪرام پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خصوصيتن ۾ ان ڳالھ کي شمار فرمايو آهي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ان ڳالھ جو اختيار آهي تہ ڪنھن بہ شخص کي ڪنھن بہ حڪم سان چاهين تہ خاص فرمائي ڇڏين. جيئن تہ حضرت خزيمہ بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ گواهي کي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻن شخصن جي گواهي جي برابر فرمايو. علامہ نووي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: شارع يعني حضور نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عام حڪم مان جنھن کي چاهين خاص فرمائي ڇڏين. جھڙوڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوبُرده بن نيار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ انھن کانسواءِ ڪجھ صحابہءِ ڪرام لاءِ ڇھن مهينن جي ٻڪريءَ جي قرباني کي جائز فرمايو. عالمن سڀورن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خصوصيتن ۾ ان ڳالھ کي بہ ذڪر ڪيو آهي تہ اللّٰه پاڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جنت جو مالڪ ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڻ ان مان جيڪو چاهين، جنھن کي چاهين، جيترو چاهين عطا فرمائين.[4]

## فضل و ڪرم ۽ ڪمال جا درياءَ

لمعات التنقيح ۾ آهي: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مطلقاً (بنا ڪنھن قيد ۽ شرط جي) فرمائڻ تہ مون کان گھر. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اللّٰه پاڪ ڪين پنھنجن خزانن مان هر ان شيءِ جي عطا ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي جيڪا پاڻ عطا ڪرڻ چاهين ۽ اهو بہ اختيار ڏنو تہ پاڻ گھرندڙن مان جنھن کي چاهين جنھن شيءِ سان چاهين خاص فرمائي ڇڏين، ڇو جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فضل و ڪرم ۽ ڪمال جا اهڙا درياءَ آهن جنھن جو ڪو ڪنارو ناهي.[5]

## سمورا ڪم رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دستِ اقدس ۾

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مطلقاً فرمايو: ”گھر“ ۽

---

[3] مرقاة المفاتيح، 615/2،تحت الحديث:896
[4] مرقاة المفاتيح،615/2،تحت الحديث: 896 ملخصاً
[5] لمعات التنقيح،172/3،تحت الحديث:896

ڪنهن طرح جي ڪا قيد نہ لڳائي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڀ ڪم رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دستِ همت ۾ ڪرامت ۾ آهن، جيڪو ڪجهہ چاهين ٿا جنهن لاءِ چاهين ٿا پنهنجي پروردگار جي اِذْن (اجازت) سان عطا فرمائين ٿا.[6]

جہاں بانی عطا کر دیں بھری جنت ہبہ کر دیں

نبی مختارِ کل ہیں جس کو جو چاہیں عطا کر دیں

## مُرَافَقَت جو مطلب

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مرافقت جي معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا: يعني مون کي اوهان جنت ۾ پاڻ سان گڏ رکو، جيئن بادشاهہ شاهي قلعي ۾ پنهنجن خاص خادمن کي پاڻ سان گڏ رکندا آهن.[7]

## سيدنا ربيعہ تي بارگاهہ رسالت جون عطائون

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ربيعہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايو تہ گهر، تہ بظاهر ائين لڳي ٿو تہ رڳو انهن هڪ ئي شيءِ گهري ۽ اها آهي: ”جنت ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رفاقت.“ پر ان هڪ شيءِ جي ضمن ۾ حضرت ربيعہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي بارگاهہ رسالت مان ڪيتريون ئي شيون عطا ٿيون. جيئن تہ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ حضرت ربيعہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان جاءِ تي حضور تاجدارِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هيٺيون شيون گهريون: زندگي ۾ ايمان تي استقامت ◈نيڪين جي توفيق. گناهن کان ڪناره ڪشي (پاسو ڪرڻ) ◈مرڻ مهل ايمان تي خاتمو ◈قبر جي حساب ۾ ڪاميابي ◈حشر ۾ عملن جي قبوليت ◈پل صراط تان بخيريت گذرڻ ◈جنت ۾ رب جو فضل ۽ مرتبن جي بلندي ◈هي سڀ شيون صحابي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان گهريون ۽ حضور صحابي کي عطا فرمايون، ان ڪري اسان بہ حضور کان ايمان، مال، اولاد، عزت، جنت، سڀ ڪجهہ گهري سگهون ٿا، هي گهرڻ سنتِ صحابہ آهي. حضور جي لنگر مان هي سڀ ڪجهہ قيامت تائين ورهائبو رهندو ۽ اسان فقير وٺندا رهنداسين. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ حضرت ربيعہ (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) حضور کان حضور کي ئي گهريو پر جيئن تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ ئي ملندا، ان ڪري جنت جو بہ ذڪر ڪري ڇڏيو.[8]

## ڪثرتِ سجود جي حڪم جون حڪمتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ ۾ نور جي پيڪر، سمورن نبين جي

---

[6] اشعة اللمعات، 425/1

[7] مراٰة المناجيح، 84/2

[8] مراٰة المناجيح، 84/2

سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان سجدن ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. شارحينِ حديث ان جون ڪيتريون ئي حڪمتون بيان فرمايون آهن. ڪجهه حڪمتون پيشِ خدمت آهن:

## سجدن جي ڪثرت قربِ الاهي جو سبب

امام نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (سجدن جي ڪثرت قربِ الاهي جو سبب آهي). ان جي تائيد حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ ٻئي فرمان مان بہ ملي ٿي: سجدي جي حالت ۾ ٻانهو پنهنجي رب جي سڀ کان ويجهو هوندو آهي.[9]

## سجدي ۾ عاجزي وانڪساري آهي

حَافِظْ قَاضِي اَبُو الْفَضْل عياض رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سجدي ۾ انتها درجي جي نوڙت ۽ انڪساري لڏي وڃي ٿي ۽ سجدي ۾ ٻانهو الله پاڪ لاءِ پنهنجي عبوديت (ٻانهپ) کي ظاهر ڪري ٿو جو تہ سجدي ۾ ماڻهو پنهنجي جسم جي سڀ کان وڌيڪ قابلِ احترام حصي يعني پنهنجي چهري کي هڪ معمولي شيءِ جنهن کي ماڻهو پنهنجي پيرن ۽ جوتن هيٺان لتاڙين ٿا يعني مٽيءَ تي رکي پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ پنهنجي حقارت ۽ پنهنجي ذات جي گهٽ هجڻ جو اظهار ڪري ٿو.[10]

## 3. سجدو نماز کانسواءِ بہ عبادت

سجدن جي ڪثرت جي حڪم جو هڪ سبب اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ سجدو بذاتِ خود هڪ عبادت آهي جڏهن تہ قيام ۽ رڪوع نماز ۾ تہ عبادت آهن پر نماز کانسواءِ عبادت ناهن.[11]

## سجدن جي ڪثرت جي معنيٰ:

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انهن سجدن جي ادائيگي اهڙي طرح هوندي تہ خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪثرت سان نماز ادا ڪئي وڃي.[12]

علامہ ملا علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: سجدن جي ڪثرت ڪرڻ مان مراد اهو آهي تہ نماز ۾ ڪثرت سان سجدو ڪريو، سجدهءِ تلاوت ڪريو ۽ سجدو شڪر بجا آڻيندا ڪريو.[13]

## سجدي ۾ قربِ الاهي جي زيادتي

حضرت سيِّدُنا عُقبه بن مسلم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهي جي ڪا بہ خصلت الله پاڪ کي ان کان وڌيڪ پسند ناهي تہ هو الله سان ملاقات کي پسند ڪري ۽ ٻانهو خداءِ ذوالجلال جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن بہ گهڙيءَ ۾ ان جو وڌيڪ قرب

---

[9] شرح مسلم للنووی،الجرء الرابع،206/2 ملخصاً
[10] اکمال المعلم،403/2،تحت الحديث:488
[11] مرأة المناجيح،79/2
[12] اشعة اللمعات،425/1
[13] مرقاة المفاتيح،616/2، تحت الحديث:897

ناهي ماڻيندو.[14]

## سجدي سان لاڳاپيل بزرگن جا احوال ۽ اقوال

پيارا اسلامي ڀائرو! سجدو هڪ عظيم عبادت آهي، بزرگانِ دين سجدن جي ڪثرت فرمائيندا هئا. ڪجهه بزرگانِ دين جا احوال پيش ڪجن ٿا:

## روزانو هڪ هزار (1000) سجدا

حضرت سيّدُنا علي بن عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا جي باري ۾ منقول آهي ته پاڻ هر روز هڪ هزار سجدا ڪندا هئا ۽ ماڻهو کين "سجَّاد" يعني ڪثرت سان سجدا ڪندڙ چوندا هئا.[15]

## ڪنهن شيءِ تي افسوس ناهي ٿيندو

حضرت سَيِّدُنَا مَسروق رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون کي الله پاڪ جي لاءِ سجدو ڪرڻ کانسواءِ دنيا جي ڪنهن به شيءِ جي وڃائڻ تي افسوس ناهي ٿيندو.[16]

---

[14] كتاب الزهد لابن المبارک،ص94،حدیث: 279

[15] صفة الصفوة،الجزء الثانی،76/1

[16] شعب الایمان للبیہقی، 153/3، حدیث: 3178




# وطن جي رونق مدرسن سان آهي

مولانا ابوالحسن عطاري مدني

وطن رڳو زمين جي هڪ ٽڪري جو نالو ناهي، پر اهو هڪ نظريي، هڪ تهذيب، هڪ تاريخ، هڪ سڃاڻپ ۽ هڪ گڏيل شعور جو عنوان آهي. ڪنهن به ملڪ جي اصل طاقت رڳو ان جي بلند محلاتن، وڏن رستن، جديد اسلحو خانن يا مضبوط معيشت ۾ ئي لڪيل نه هوندي آهي، بلڪ ان جي حقيقي قوت ۾ ان قوم جي ايمان، ڪردار، علم، اخلاق ۽ فڪري استحڪام جو به اهم حصو هوندو آهي. هي ئي اهي عنصر آهن جيڪي ڪنهن رياست کي صرف هڪ جاگرافيائي حد نه پر هڪ زنده ۽ پائيدار قوم بڻائي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن اهي بنياد ڪمزور ٿي وڃن ته ترقي يافته رياستون به اندر کان کوکليون ٿي وينديون آهن، پر جيڪڏهن اهي بنياد مضبوط هجن ته محدود وسيلا رکندڙ قومون به دنيا جي قيادت جو منصب سنڀالي وٺنديون آهن.

## پاڪستان جو نظرياتي تشخص ۽ مدرسن جي ضرورت

پاڪستان جو قيام صرف هڪ سياسي يا جاگرافيائي واقعو نه هو، بلڪ اهو هڪ نظرياتي انقلاب هو. برِ صغير (ننڍي کنڊ) جي مسلمانن هن ڌرتي جو مطالبو ان ڪري نه ڪيو هو ته ڪين رڳو هڪ الڳ حڪومت ملي وڃي، پر سندن اها خواهش هئي ته ڪين اهڙي رياست نصيب ٿئي جتي اسلام مطابق زندگي گذارڻ آسان هجي، قرآن ۽ سنت جي تعليمات کي فروغ ملي، اسلامي تهذيب محفوظ رهي ۽ ايندڙ نسلون پنهنجي ديني ۽ قومي سڃاڻپ سان گڏ پروان چڙهي سگهن. ان ڪري ئي پاڪستان جو بنياد به قومي نظريي تي رکيو ويو، ۽ ان نظريي جي حفاظت جو فريضو انهن ادارن سرانجام ڏنو جن کي اسان ”ديني مدرسن“ جي نالي سان سڃاڻون ٿا.

## وطن جي نظرياتي سرحدن جا محافظ

جڏهن اسان آزاديءَ جي ڏهاڙي تي وطن جي ترقي، سلامتي ۽ خوشحاليءَ جي ڳالهه ڪيون ٿا ته اسان جي سامهون فوجي ۽ انتظامي ادارن، هارين، مزدورن، صنعتڪارن، استادن ۽ بين قومي ادارن جون خدمتون ضرور اچن ٿيون، پر هڪ اهڙو طبقو به آهي جنهن خاموشيءَ سان نسل در نسل هن ملڪ جي نظرياتي وجود جي حفاظت ڪئي آهي. اهو طبقو اسلامي مدرسن جو آهي. جيڪڏهن پاڪستان جسم آهي ته ان جو روح اسلام آهي، ۽ مدرسا ان

روح جي آبياري ڪندڙ مرڪز آهن. ان ڪري اهو چوڻ مبالغو نہ ٿيندو تہ **”وطن جي رونق مدرسن سان آهي.“**

ان رونق يعني مدرسن جو فڪري دائرو اخلاق، تعليم، دعوت، خدمت، اتحاد، رواداري، ڪردارسازي، عام ڀلائي ۽ قومي استحڪام تائين پکڙيل آهي. مدرسن هر دور ۾ امت کي علماء، ائمہ، خطيب، مفسر، محدث، مفتي، معلم ۽ مبلغ عطا ڪيا، جن سڄي معاشري جي فڪري ۽ اخلاقي تعمير جي ذميواري سنڀالي.

## برِصغير ۾ ديني تشخص جا محافظ

نندي کنڊ جي تاريخ جو مطالعو ڪجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ مدرسن جون خدمتون تمام نمايان آهن. جڏهن سياسي اقتدار مسلمانن جي هٿن مان نڪري ويو ۽ غير مسلمن مسلمانن جي ديني، تعليمي ۽ تهذيب يافتہ سڃاڻپ کي مٽائڻ جي منظم ڪوشش ڪئي تہ انهن ئي مدرسن ايمان جي شمع کي وسامڻ نہ ڏنو. غير اسلامي تعليمي نظام مسلمانن کي پنهنجي تهذيب کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، اهڙي وقت ۾ مدرسن قرآن و حديث، فقہ، عربي ادب ۽ اسلامي علوم جي تدريس جاري رکي مسلمانن جي مذهبي سڃاڻپ کي محفوظ رکيو. اهو ئي سبب آهي تہ تاريخ جا سنجيده محقق ان حقيقت کي تسليم ڪن ٿا تہ جيڪڏهن مدرسن جو وجود نہ هجي ها تہ نندي کنڊ جي مسلمانن جي ديني سڃاڻپ مٽجي چڪي هجي ها.

## تحريڪِ پاڪستان ۾ عالمن ۽ مدرسن جو ڪردار

اها حقيقت بہ انڪار جوڳي ناهي تہ پاڪستان جي قيام واري جدوجهد ۾ عالمن ۽ مدرسن جي بيشمار استادن ۽ شاگردن مختلف انداز ۾ حصو ورتو. ڪنهن سياسي ميدان ۾ قيادت ڪئي، ڪنهن عوام ۾ شعور بيدار ڪيو، ڪنهن تحريڪِ آزاديءَ جي اخلاقي ۽ ديني بنيادن کي مضبوط ڪيو، تہ ڪنهن مسلمانن کي اهو احساس ڏياريو تہ هڪ اسلامي رياست سندن ديني ضرورت آهي.

## قيامِ پاڪستان کانپوءِ مدرسن جون قومي خدمتون

پاڪستان جي قيام کانپوءِ مدرسن جي ذميواري وڌيڪ وڌي وئي. هاڻي ڪين رڳو دين جي حفاظت نہ پر اسلامي رياست جي نظرياتي تشخص کي بہ محفوظ رکڻو هو. تنهنڪري مدرسن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قرآن ڪريم جي تعليم، حديثِ نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تدريس، فقہ اسلامي جي اشاعت، عربي ٻوليءَ جي ترويج، ائمہ ۽ خطيبن جي تياري، مفتين جي تربيت، ديني لٽريچر جي اشاعت ۽ عوام جي مذهبي رهنمائيءَ جو عظيم سلسلو جاري رکيو. جيڪڏهن اڄ پاڪستان جي لکين مسجدن ۾ اذان گونجي رهي آهي، نمازون باجماعت

ادا ٿي رهيون آهن، جمعي جا خطبا ڏنا وڃن ٿا، رمضان المبارڪ ۾ تراويح ۾ قرآن ٻڌايو وڃي ٿو، نڪاح، جنازي، وراثت، زڪوات، حج ۽ ٻين ديني معاملن ۾ شرعي رهنمائي فراهم ڪئي وڃي ٿي ته ان جي پٺيان مدرسن جي ئي ڏينهن رات جي محنت شامل آهي.

غريب ۽ محروم طبقن جو تعليمي سهارو

اها ڳالهه به قابلِ توجهه آهي ته مدرسن هميشه معاشري جي محروم طبقن کي تعليم جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا آهن. هزارين اهڙا ٻار، جيڪي غربت سبب اعليٰ تعليم حاصل نٿا ڪري سگهن، مدرسن ۾ رهائش، کاڌو، لباس ۽ تعليم جون سهولتون حاصل ڪري معاشري جا مفيد فرد بڻجن ٿا. ان حوالي سان مدرسا رڳو تعليمي ادارا نه پر هڪ عظيم سماجي فلاحي نظام به آهن، جيڪي لکين خاندانن جو سهارو بڻيل آهن. جيڪڏهن اهي ادارا نه هجن ها ته بيشمار باصلاحيت نوجوان تعليم کان محروم رهجي وڃن ها.

## موجوده دور ۾ مدرسن جي اهميت

موجوده دور ۾ جڏهن دنيا ماديت، اخلاقي گراوٽ، خانداني نظام جي ڪمزوري، منشيات، فحاشي، انتهاپسندي ۽ روحاني بي چيني جهڙن مسئلن جو شڪار آهي، مدرسا انسان کي ان جي رب سان جوڙڻ، اخلاق سنوارڻ ۽ زندگي کي مقصد عطا ڪرڻ جو فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن. اهي اهو پيغام ڏين ٿا ته ترقي رڳو ٽيڪنالاجي سان نه پر اخلاق سان به ٿيندي آهي، خوشحالي رڳو دولت سان نه پر ڪردار سان به حاصل ٿيندي آهي، ۽ آزادي رڳو سياسي خودمختاري جو نالو ناهي پر فڪري ۽ روحاني آزادي به ان جو لازمي حصو آهي.

## آزاديءَ جو ڏهاڙو ۽ مدرسن کي خراج تحسين

ان ڪري جڏهن اسان آزاديءَ جي ڏهاڙي تي پاڪستان جي تعمير ۽ ترقيءَ جي ڳالهه ڪريون ٿا ته اسان کي انهن ادارن کي به خراج تحسين پيش ڪرڻ گهرجي، جن خاموشيءَ سان هن وطن جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت ڪئي، نئين نسل جي ايمان جي آبياري ڪئي، قرآن ۽ سنت جي تعليم کي عام ڪيو، مسجدن کي آباد رکيو، عوام جي ديني رهنمائي ڪئي ۽ اسلامي تهذيب جي چراغ کي روشن رکيو.

## مدرسا ۽ فلاحي خدمتون

پاڪستان جا بيشمار مدرسا اهڙا آهن، جيڪي يتيم ٻارن جي ڪفالت، مستحق شاگردن جي تعليم، غريب خاندانن جي امداد، رمضان المبارڪ ۾ راشن جي ورڇ، قرباني جي گوشت جي ورڇ، اجتماعي افطار، قدرتي آفتن جي ستايلن جي مدد ۽ ٻين فلاحي منصوبن ۾ به نمايان ڪردار ادا

ڪن ٿا. ٻوڏ، زلزلي، وبائي بيمارين يا ٻين قومي آفتن جي موقعن تي مدرسن جي استادن ۽ شاگردن هميشه رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هنن متاثرن جي امداد، خوراڪ جي فراهمي، عارضي رهائش، طبي ڪيمپن ۾ سهڪار ۽ عوام جي اخلاقي ۽ روحاني دلجوئي ۾ ڀرپور حصو ورتو آهي. اهڙيءَ طرح مدرسا رڳو علم جا مرڪز نه پر انسانيت جي خدمت جا مرڪز پڻ آهن.

مدرسن جي دنيا ۾ دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جو هڪ خاص مقام آهي، جن هميشه اهڙي نسل جي تربيت تي ڌيان ڏنو آهي جيڪو ديني علوم سان سينگاريل هجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ، قانون جو احترام ڪندڙ، معاشري لاءِ مفيد ۽ خدمتِ خلق جي جذبي سان سرشار هجي. انهن ادارن ۾ شاگردن کي شروع کان ئي اهو شعور ڏنو ويندو آهي ته وطن سان محبت، معاشري جي ڀلائي، امن امان جو قيام، عوامي حقن جو احترام ۽ ملڪي قانونن جي پابندي هڪ ذميوار شهري جون بنيادي صفتون آهن. اهو ئي سبب آهي ته انهن تعليمي ادارن مان هميشه وطن جي تعمير، وطن جي ترقي، قومي وحدت ۽ معاشرتي استحڪام جو مثبت پيغام سامهون آيو آهي.

قدرتي آفتن ۾ سندن شاگرد، استاد ۽ عالم هميشه خدمتِ خلق جي جذبي سان پيش پيش رهيا آهن. ٻوڏ، زلزلي ۽ ٻين آفتن دوران امدادي سرگرمين ۾ شرڪت، متاثرن تائين راشن، ضروري سامان ۽ ٻيون امدادي شيون پهچائڻ، بحاليءَ جي مختلف مرحلن ۾ تعاون ڪرڻ ۽ متاثر خاندانن جي دلجوئي ڪرڻ انهن خدمتن جو روشن باب آهي. اهڙيءَ طرح ٿيليسيميا سميت ٻين مريضن لاءِ رت جو عطيو (Blood Donation) جي مهم ۾ به دعوتِ اسلامي جا مڙني شعبن سان وابسته ماڻهو، شاگرد ۽ استاد ڀرپور حصو وٺندا رهيا آهن، جنهن مان انساني جانين کي بچائڻ جي اسلامي جذبي جي عملي تصوير سامهون اچي ٿي.

ان کان علاوه وڻڪاري (Shajar-kari)، عوامي آگاهي، اخلاقي سڌارو، امن امان جي فروغ ۽ ٻين سماجي خدمتن ۾ به دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه سان لاڳاپيل شاگرد ۽ استاد پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن.

## مدرسن بابت ڪجھ غلط فهمين جو علمي جائزو

بدقسمتيءَ سان ڪجھ نادان ماڻهن ۾ مدرسن بابت اهڙا رايا به پاتا وڃن ٿا جيڪي محدود مشاهدي، اڌوري معلومات يا منفي پروپيگنڊا تي ٻڌل هوندا آهن. ڪنهن به اداري يا طبقي بابت راءِ قائم ڪرڻ وقت

انصاف جو تقاضا اهو ئي آهي تہ ان جي مجموعي خدمتن کي سامهون رکيو وڃي.

ان ۾ بہ کو شک ناهي تہ جيئن هر شعبي ۾ بهتريءَ جي گنجائش موجود هوندي آهي، تيئن مدرسا بہ وقت جي تقاضن مطابق پنهنجي انتظامي، تعليمي ۽ تحقيقي نظام ۾ وڌيڪ ترقي ڪري سگهن ٿا. پر اها اصلاح گڏيل تعاون، خيرخواهي ۽ مثبت انداز سان ٿيڻ گهرجي، الزام تراشي يا بي اعتمادي سان مثبت نتيجا ڪڏهن بہ حاصل نٿا ڪري سگهجن.

## روشن پاڪستان جي ضمانت

پاڪستان الله پاڪ جي هڪ عظيم نعمت آهي، جيڪو بيشمار قربانين، دعائن ۽ جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ڪيو ويو. آزاديءَ جو ڏهاڙو اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو تہ وطن جي محبت رڳو نعري بازي ۽ تقريبن جو نالو ناهي، پر ان نظريي جي حفاظت بہ وطن سان محبت جو لازمي تقاضا آهي جنهن جي بنياد تي پاڪستان وجود ۾ آيو.

اچو! هن آزاديءَ جي ڏهاڙي تي اسان اهو عهد ڪريون تہ اسان پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ نظرياتي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين، عالمن ۽ مدرسن جي علمي ۽ تربيتي خدمتن کي قدر جي نگاهہ سان ڏسنداسين، قومي ايڪي کي فروغ ڏينداسين، اختلاف جي بدران اتفاق، نفرت جي بدران محبت ۽ انتشار جي بدران اتحاد کي پنهنجو شعار بڻائينداسين.



## حضورِ اکرم گھروارن تي دم فرمائيندا هئا

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گھر وارن مان جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُعَوِّذات (يعني سورةُ الفلق ۽ سورةُ الناس) پڙهي ان تي دم فرمائيندا هئا. (مسلم، ص 929،حديث: 5714)



## تنگدستي کان بچڻ لاءِ

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو مون تي روزانو 500 ڀيرا درود شريف پڙهندو، اهو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو. (مستطرف، 2 /508)



## ڪابہ شيءِ نقصان نہ پھچائي سگھندي

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

جيڪو شخص صبح ۽ شام ٽي ٽي مرتبا هي پڙهندو، تہ ڪيس ڪابہ شيءِ نقصان نہ پهچائي سگھندي:

بِسْمِ اللهِ الَّذِیْ لَا یَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ
فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْم

(ترجمو: الله جي نالي سان، جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابہ شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگھي، ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.) (ترمذی، 5/251، حديث:3399)

(نوٽ: دعا جي اول ۽ آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ گھرجي.)



## جبل جيترو قرض

هڪ مقروض ڪي مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: ڇا مان توکي اهڙا ڪلمات نہ سيکاريان جيڪي مون کي رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيکاريا هئا؟ جيڪڏهن تو تي "جبلِ صير" (صير هڪ جبل جو نالو آهي) جيترو بہ دَين قرض هوندو تہ الله پاڪ تنهنجي طرفان ادا فرمائي ڇڏيندو، تون هيئن چوندو ڪر:

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِیْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ
وَاَغْنِنِیْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(ديکھيے:ترمذی، 5/329، حديث:3574)



# ربيعُ الاول جا ڪجھ اهم واقعات

| تاريخ/ مهينو/ سال | نالو/ واقعو | وڌيڪ معلومات جي لاءِ پڙهندا. |
|---|---|---|
| 5 ربيع الاول 50ھ | نواسءِ رسول، حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو يومِ شهادت | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1439ھ ۾ ”امام حسن جون 30 حڪايتون“ |
| 10 ربيع الاول 10ھ | حضرت ابراهيم ابنِ رسول الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو يومِ وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1440ھ ۾ ”سيرتِ مصطفيٰ، صفحو 688“ |
| 12 ربيع الاول 241 ھ | حنبلي مسلڪ جي عظيم پيشوا حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو يومِ وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1439ھ ۾ ”فيضانِ امام احمد بن حنبل.“ |
| 13 ربيع الاول 227 ھ | مشهور وليُ الله حضرت بِشر حافي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو يومِ عرس | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1440ھ |
| 14 ربيع الاول 94ھ | اسيرِ ڪربلا حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو يومِ وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1439ھ ۾ ”ارشاداتِ امام زين العابدين“ |
| 14 ربيع الاول 179ھ | مالڪي مسلڪ جي عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو يومِ وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1439ھ ۾ ”امام مالڪ جو عشقِ رسول“ |
| 17 ربيع الاول 1235ھ | شاھ آلِ احمد اڇي ميان مارهروي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو يومِ عرس | ماهوار فيضانِ مدينہ ربيع الاول 1439ھ |

| | | |
|---|---|---|
| 21 ربيع الاول 1052 هه | حضرت علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جو يومِ وصال | ماهوار فيضانِ مدينه ربيع الاول 1439هه ۽ 1440هه |
| 27/22ربيع الاول 656 هه | محي الدين ابونصر محمد جيلاني رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جو يومِ عرس | ماهوار فيضانِ مدينه ربيع الاول 1439هه |
| ربيع الاول 12هه | جنگِ يمامه: حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي خلافت ۾ نبوت جي ڪوڙي دعويدار مسيلمه ڪذاب جي خلاف جنگ ٿي جنهن ۾ 1200 صحابهءِ ڪرام شهيد ٿيا ۽ الله پاڪ مسلمانن کي عظيم فتح عطا فرمائي. | ماهوار فيضانِ مدينه ربيع الاول 1439هه ۽ ”فيضانِ صديقِ اڪبر، صفحو 381 کان 390“ |
| ربيع الاول 50هه | اُمُّ المؤمنين حضرت بي بي جويريه رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَاجو مبارڪ وصال | ماهوار فيضانِ مدينه ربيع الاول 1439هه، 1441هه ۽ ”فيضانِ امهات المؤمنين“ |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

”ماهوار فيضانِ مدينه“ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين ڏانهن پڻ شيئر ڪريو.

# ميلاد جي محفلن جون برڪتون

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن گهر، مسجد يا محلي ۾ ميلاد شريف پڙهيو ويندو آهي فرشتا ان گهر، مسجد ۽ محلي کي گهيري ڇڏيندا آهن ۽ فرشتن جا سردار يعني حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل، حضرت اسرافيل ۽ حضرت عزرائيل عَلَيْهِمُ السَّلَام ميلاد شريف پڙهڻ وارن جي لاءِ رحمت ۽ رضوان جي دعا ڪندا آهن جنهن گهر ۾ ميلاد شريف پڙهيو وڃي الله پاڪ ان گهر کي ڏُڪار وبائي بيمارين باهه لڳڻ ٻڏڻ ۽ اهڙين ڪيترن ئي آفتن کان محفوظ رکندو آهي ان گهر جي رهڻ وارن کي بغض و حسد کان بُري نظر کان ۽ چوري وغيره جي خطري کان بچايو ويندو آهي ۽ ان گهر جي اهلِ خانہ جو ڪو فرد انتقال ڪري وڃي تہ ان تي نَكِيْرَيْن (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارن ملائڪن) جي سوالن جا جواب آسان ڪيا ويندا آهن.(1) حضرت خواجہ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: محفلِ ميلاد شريف ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ هِن محفل جي عزت ۽ تڪريم ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي.(2) حضرت سَرِي سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: جيڪو محفلِ ميلاد ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، اهو اصل ۾ جنت جي باغن ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، ڇوتہ محفلِ ميلاد صرف ۽ صرف محبتِ رسول جي سبب ئي سجائي ويندي آهي ۽ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جيڪو مون سان محبت ڪندو آهي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(3)

---

1...نعمة الكبرىٰ لابن حجر،صفحہ:10 ملخصاً ـ

2...نعمة الكبرىٰ لابن حجر،صفحہ:8ـ

3...نعمة الكبرىٰ لابن حجر،صفحہ:10ـ

دينِ اسلام جي خدمت ۾ توهان بہ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي زڪوات، صدقاتِ واجبہ و نافلہ ۽ ٻين عطيات (Donation)ذريعي مالي تعاون ڪريو! اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.

بينڪ جو نالو: MCB اڪائونٽ ٽائيٽل : DAWAT-E-ISLAMI TRUST بينڪ برانچ :MCBAL-HILAL SOCIETY برانچ ڪوڊ: 0037

اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ نافلہ 0859491901004196 اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ واجبہ ۽ زڪوات 0859491901004197

978-969-722-950-5
01130351

فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net